5

شري ستنام ساکي

شري بسنت ٻچناولي

رچيندڙ —

وڌوان ڪيسري شري ۱۰۸ سوامي بسنت رام جي مهاراج

پريم پرڪاشي

ڇپائيندڙ —

سوامي برهمانند جي شاستري

شري سَتگر ديو کي آرتي

اوم جئه شري سَتگرديو سوامي جئه شري سَتگرديو
برهمادڪ سنڪادڪ، ڪرت تمهاري سيو - اوم

١- تم هو سَت چِت آنند، اکنڊ ادويتا - سوامي
نِتيه مڪت گت داتا، سمرٿ سروويتا - اوم

٢- نِج مايا سين نرمت، سنسرت تم ڪرتي - سوامي
شرت سَمت هت تمهين، نانا تن ڌرتي - اوم

٣- اگر اشيش اوگڻ هر، شيش گڻ تر ڌاري - سوامي
گيان شڪت سين پوسنڌ، ڪونِ ڪوتاري - اوم

٤- يه مهما سن ستگر، چرن شرڻ آئي - سوامي
ڪر پرڻام س پوڄن، پرم پشپ پائي - اوم

٥- ديِن ونيه سن سوامن، ڪرپا اب ڪيجي - سوامي
جنم مرڻ کي ڀيه هر، نرڀيه ڪر ليجي - اوم

٦- پاپ تاپ تن من ڪي، وشيه وڪار هرو - سوامي
ڀڳتي گيان برهمانند - همري هردي ڀرو - اوم

٧- **بسنت** جو يه آرتي - پريم سهت گاوي - سوامي
شانت سمت سک سمپت - ڀڳت مڪت پاوي - اوم

دوها- ١. پريت هماري ڏيکي ڪيجي ناٿ سناٿ
بسنت سندر پشپ ئي گرهڻ ڪرو نج هاٿ

٢- ڀول گئي پد ماترا اکر منجهه سين جوءِ
بسنت بالڪ جانڪي ڪميا ڪرو هر سوءِ

٣- تيرا تجهه ڪو ڏيت هون پوڄ لڳا ڀڳوان
سيپت پرسادي پاءِ هم، همرا هو ڪليان.

* اوم *

شري ستنام ساکي،

شري بسنت پيچناولي

رچيندڙ - ويدانت ڪيسري

رچيندڙ جا سڀ حق واسطا قائم



قيمت ٢-٠٠ روپيا

شري سوامي بسنت رام جي مهاراج

شسيه شري پرم پرڪاش سمپردايا چاريه بال برهمچاري

برهم نيشٺي ١٠٠٨ ستگرو سوامي ٽيئون رام جي

مهاراج پريم پرڪاشي

د نعو ٦ جلد ٢٠٠٠) (سنبت ٢٠٣٨ آکاڙ

اوم شري ستنام ساکي

❋ مهاڳ ❋

پريميو!

هن سنسار ۾ هرهڪ جيو سک پراپتيءَ جي چاهنا ڪري ٿو پر مايا جي چڪر ۾ ڦاسي ڪري جيو اُن قائم دائم رهڻ واري نتيه سک جي پراپتي ڪري نٿو سگهي جڏهن جيو دکي ٿي ڪري انتيه دک سروپ سنسار ۽ ڪٽنب ۽ موهه ممت جو تياڳ ڪري ست پرش جي شرڻ ۾ اچي ٿو تڏهن ست پرش دکي جيو کي پنهنجي اڌيائم وديا دوارا نتيه سک جي راهه ڏسين ٿا. ان ڳالهه کي ڌيان ۾ رکي ڪري اسان جي ستگرو سوامي بسنترام مهاراج جن ”شري بسنت پڇناولي“ جي سرل ۽ مٺي ڀاشا ۾ رچنا ڪئي. هن ۾ ورهه، ويراڳ، ڀڳتي، اُپاسنا، گيان ۽ سماج سڌار جا سهڻا پچن ٺهيل آهن. هنن ۾ ڪافي گنڀير ڀاوَ ڀريل آهي جنهن جي پڙهڻ سڻڻ ۽ ياد ڪرڻ سان ٽاپن ڪليشن جي نورتي ٿي ڪري پرمانند جي پراپتي ٿئي ٿي. هن کان اڳيم هيءُ پستڪ پنج دفعا ڇپجي چڪو آهي، ان دوارا ئي هن پستڪ جي لوڪ پرييتا معلوم ٿئي ٿي. هن ڇهين آورتيءَ ۾ سوامي جن جا نوان پچن پڻ شامل ڪيا ويا آهن. آشا ڪجي ٿي ته سڀئي پريمي سڄڻ هن پستڪ کي پڙهي گهڻي ۾ گهڻو لاڀ حاصل ڪندا.

شيوا ۾ -

برهمانند شاستري

اٿ شري ستگرو چاليسا

دوها:- ستگرو پورڻ پرم ھنس، ستگرو ديون ديو.
بسنت گرو کي شرن جا، پاپ نشا سڀ ٿيو.

چوپائي

ستگرو پرم پرھم اوناشي، سچت آنند سوام پرڪاشي.
ديون ڪا ھنس ديوا اسنگ، الڀ، الک، اپوا،
ستگرو برھما وشنو مھيشا، گوري گڻپتي چندر دنيشا.
ستگرو رام ڪرشن سروپا، نرگڻ سرگڻ روپ انوپا.
ستگرو کي سم ديو نہ ڪوئي، اڏک ايش سي ستگرو ھوئي
سب تيرٿ ھنس گر کي چرڻي، سنت ويد سڀ اس ورڻي.
ستگرو درشن آنند داتا، پاپ تاپ سنتاپ نشاتا.
ستگرو وچن روي ڪرڻ سمانا، ھرت تم سنشي اگيانا؛
گرو کي ڪرپا ڪرت ڪلياڻا، جنم مرڻ ميٽت دک نانا.
ستگرو سنگ سدا سک دائي، بسنت جنھن تنھن ھوت سھائي
ستگرو پورڻ پراپڪاري، سڀ جيون ڪا ھنس ھتڪاري.
ڌرم ڪرم کي شکشا ديتي، سمت ديتي ڪمت ھرتي.
ستگرو پريم پيالا پياري، ميٽي من ڪو ويڪ اڄاري.
ستگرو ديتي جوگ کي جگتي، توڙا پريما پراس پگتي.
ستگرو ديکي آتم گيانا، ھرتي تن من ڪا اڀمانا.
برھم گيان دي ڀيد متاوت، آدم ويہ آمل لک برھم لکاوت.
جيو برھم کي ايکتا ڪرتي، سمتا ديتي دوتا ھرتي.
ستگرو سنگ کي سيج سماوي، ڪشٽ روگ دوند گلاوي.

ستگرو ديوي گن ڪا داتا، سمپد آسري سکن نپاتا ،
بسنت ستگر شرڻي جائو، شرڌا سي جا درشن پائو .
گر چرنن ۾ ڏنڊوت ڪرئي، پاون رج مستڪ پر ڌرئي .
ڪرڪ ڪهي چرڻامرت ليجي، ڀڳت ڀاوسي ارپڻ ڪيجي .
اهنتا ممتا آش نواري، ستگر آگيا شر پر ڌاري ،
چتر ڀانت سي سيوا ڪرئو، تن من ڌن کي دکشنا ڌرئو
ستگر پرسن ديکو جبهين، هات جوڙ ڪر پرارٿنا ڪيهه
ستگر اپنا ڪرموهه ليجي، نام دان کي دات سو ديجي .
ڪرپا ڪر گر ڏي اپديشا، ٽارني من ڪو ڪر پرويشا .
سواس سواس سي ڪر ابياسا، ميٽ وکيپا تن اڌ ڀاسا .
ڌيان گرو ڪا هرديه ڌرلي، چنچل من ڪو نهچل ڪرلي .
پاپ تاپ پن ڪليشا ناشي، لاءِ سماڌي شانتي ڀاشي
ڦر پوچو تم گيان وگيانو، جيو برهم جڳ ڀيد پڇانو .
سن ڪر اُن سڀ ڪا ڀرم ڀيدا، پائو سنشي ڇتو اڇيدا .
نام روپ جڳ مٿيا جانو، مرو ستل جل رج ساپ سمانو .
ڀاڳ تياڳ لکشنا سي پياري، جيو برهم ڪا ڀيد نواري .
جيو برهم اڪ چيتن روپا، اکنڊ اسنگ تت سک سوروپا .
مايه ڪايه کي چوڙ اُپاڌي، پروکيه پرتيکش تجلي واد وواڌي
آتم برهم ڪو جان اڀيدا، مت جاوي جڳ ڪا سڀ کيدا .
پرمانند ميه مکتي پائو، جنم مرڻ دک دوند مٽائو .
ديهه تياڳ جا برهم سمائو، ستگر کي گن هردي ۾ گائو .
ستگر ڪا مانو اُپڪارا، گر پر تن من ڪر بلهارا .
دوها:- گرو چاليسا پڙهت جو، شرڌا رکه وشواس .
بسنت پاوت جڳت ۾، ڀڳتي گيان پرڪاش

اوم شري ستنام ساکي

شووهم



شري پريم پرڪاش سمپردايا چاريه برهم شروتريه

برهم نشٺ شريمان ۱۰۰۸ ستگرو

سوامي ٽيئون رام جي مهاراج

شري ٽرو رام صاحب لعل   شري سنتر ساڌوڻي لعل

شري بسنت پچاولي

(راڳ درباري پدن ١)

ٿل - سنگر ڀڳتي ڪرڻا ڪرائو -

سڳه آئي موں نه ڪمايو آهه

١- هن دنيا ۾ ڪي ٻاڙيا مڙ، مان - اهه سو روپ ٻلايو آهه

ڪام ڪروڌ مد لوڀ ڪري موں - ٻاڻن ۾ من لايو آهه

٢- مايا ۾ مستا ڪو سنگو - نگوسس ڪي نه ڏيايو آهه

ڪوڙي ڪل ۾ موه وڌائي - ڀڳتي ٻاڙ ڦسايو آهه

٣- ٻالڪي وشين ۾ موں - وارث وقت وڃايو آهه

مڻس جهم جو قدر نه ڪڙم، هيرو رتن گنوايو آهه

٤- داتا ڏي تون دان نام جو، بسنت تو در آئو آهه

جهڙو تهڙو ٻالڪ تنهنجو آهيان - اُبي جو ڪهن ٻڌايو آهه

(راڳ درباري پدن ٢)

ٿل- هردي ۾ ڪر ياد هميشه، اُنڪو ڊر جو آڌار ٻڌا

١- رڪت بوند مان جنهن قدرت سان،
ڏاهيو انگ آڪار بندا
پراڻ امولڪ تنهن ۾ پائي، توهه ڪيو نروار بندا
٢- گربه اگني مان جنهن تہ بچائي - اندر ڏنئہ آهار بندا
ٻاهر ڪير مٺايون ميوا - ان ڌن ڏنو آپار بندا
٣- چوراسي لک جوڻين جوهر - توهه ڪيو سردار بندا
تنهنجي سمجهه ڪرڻ لاءِ ڏاهيو - سارو هيءُ سنسار بندا
٤- پرم پدارٿ توهه ڏنائين - شڪتي ست وچار بندا
بسنت ڪين ڀلائج تنهنکي - پريوهءَ سان ڪر پيار بندا

(راڳ پرڀاتي ڀڄن ٣)

ٽل- امرت ويلي اٿي سويلي - سمرن جو ڪر سعايو
١- شتي آسڻ تي آسڻ ماري - مدرا گيان ٻڌايو
اندر ڄان ڪي وشين کان موڙي - انترمک الٽايو
٢- چندر چڪور جئن گر مورت ۾ - نئنين نرت ملايو
تن من جي سڀ سرت ڀلائي - اکنڊ ڌيان لڳايو
٣- پراڻايام سکي ستگر کان، گگني پراڻ چڙهايو
سوهم شبد جپي سواسن سان، ترڪٽا جوت جڳايو
٤- ڀنور غفا ۾ بين بجي ٿي - تنهن ۾ سرت سمايو
دسوين در جي ڪڙڪي کولي - آتم درشن پايو
٥- بسنت ڌرن اڪاس نہ جاٿي - سوئي ديس وسايو
پورڻ آنند اُتهين پائي - آواگمن مٽايو

(راڳ پرڀاتي ڀڄن ۴)

ل- آئي جاڳ جاني، ڀڄن ڪر پراڻي
ڇڏي اونگھ آلس، غافل غلطاڻي
- اھا ننڊ نڌوري، نسوري نياڳي
وڇوڙي ڇڏيو جنھن، سچو جيءَ جو جاني
- بندا تو جھڙن تي، ڪيو آھ ٻانور
سدا ساٿ توسان - نہ رھندي جواني
- ڇڏي موھ ممتا - ڪپٽ ڪوڙ ڪاوڙ
رکي پريم سڀ سان - مٺي ٻول ٻاني
- بسنت ڪر ڀلائي - ڀلن ۽ ٻرن سان
جڳي نام نيڪي، ڇڏي وڃ نشاني

(راڳ آسا ڀڄن ۵) طرز- رات ڏٺم خواب ۾

ل- ڀڳوان جي ڌيان ۾، غلطان ڇونہ ٿو ٿين
پرماتما جي گيان ۾، پرڌان ڇو نٿو ٿين
- مايا سندي مست ۾، متوار ڇو رھين ٿو
محبت رکي موھن سان، مستان ڇو نٿو ٿين
- دنيا سندو تون نوڪر، ھروار ڇو بڻين ٿو
ستگر سچي جي در جو - دربان ڇو نٿو ٿين
- ھن موت جي ھٿان تون - ھڪ ڏينھن نيٺ مرندين
پوءِ ڌرم ديش خاطر - قربان ڇو نٿو ٿين
- پر روپ تي ٿي عاشق - ڇو جان تون گنوائين
آتم سروپ تي تون - پروان ڇو نٿو ٿين

۵- آخر **بسنت** توسان سنگي نہ ڪير ٿيندو
نڪري ٽڏهن جڳت ڪان - نرٻاڻ چو ٿئو ٿين

(راڳ آشا ڀڄن ٦) طرز - ساڳي

ٿل - ڪر ٿات هڪ برهم جي - ٻي وات ڪر نہ وائي
سنسار جي ٻيڙ ڪان - ڦل پاڻ پنهنجو پائي

١- جڳ جي ٻيڙ سڀاٽپ - چنچل ڪري ٿي چت ڪي
نج برهم گيان سان تو - آنند ملي الاهي

٢- پرپوار ڌيھ ڌن جي - ممتا ڇڏي سڀن جي
ڏينهن رات سمر سوهم - شرڌا رکي سچائي

٣- ڪر ياد اسنگ آتم - تن جو اڌياس ٽياڳي
هر سان اپيد ٿيءُ تون - دل مان ڪڍي دئائي

۴- چنتن ڪري برهم جو - سڀ برهم روپ ڄاڻج
سمتا **بسنت** ڌاري - رهہ شانت ۾ سدائين

(راڳ آشا ڀڄن ٧) طرز - آءُ ڪرشڻ آءُ ڪرشڻ

ٿل - ٿار ٻيڙو ٿار ٻيڙو منهنجو ٿار
ٿارڻ هارا ستگر سوامي، ٻيڙو منهنجو ٿار

١- ڀو ساگر هيءُ آهي ڀاري - تنهن ۾ ستگر ڪر رکواري
هٿڙا ڏيئي هاڻ همت جا ڦل ۾ پار اُڪار

٢- لوڀ لالچ جا لهرون لوڏا -
ڪام ڪروڌ جا مڇ ڪڇ، اوڏا
هيٺن جا همراھ اچي تون - سنتڙ سات سنوار

٣- ڪوڙ ڪوٽ جا ڪن ڪڙڪن ٿا -
وڻ وروڌ جا واڳو وڙهن ٿا
پاپن جي پهاڙ ڪان ڪر پورهيت پريو پار
٤- **بسنت** پرم جا پنورا پاري -
واءُ وشيہ جو اوڏيا انداري
چرني شرني تنهنجي آهيان وگهن ناٽ نوار

(راڳ آشا پڇن ٨) طرز- جيون هٿ سنگرام

ٽل - سنگر منهنجي گهر ۾ آيا - پاڳ پلا مان پايان
پيہ خوشبو ن خوب منايان
١- هٿڙا جوڙي درشن ڪريان - چرنن سيس نوايان
دل سان ڏوڙي مستڪ لايان
سندر سرهي سيج وڇائي - سنگر کي ته وهايان
چاهه سان پنکا چنور جهلايان
٢- هيرن موتين گلن قلن جا - هار گلي ۾ پايان
هٿ سان چندن تلڪ چڙهايان
آرتي ٿاهي جوت جڳائي - سنگر جا گن ڳايان
پريم سان ڀاو پرساد ورهايان
٣- طرح طرح جا طعام بڻائي، سنگر کي کارايان
سڪ سان سيت پرسادي پايان
چرن ڌوئي چرنامرت پي مان - من جي مڪل مٽايان
چت ۾ شردا پريم وڌايان
٤- تن من ڌن سان سيوا ڪريان - داسي پاڻ بڻايان

من جو مان گمان مٽايان

وچن سڻي ستگر جا سک سان - هردي ساڻ هنڊايان

جيءَ جي ترشنا تپت بجهايان

٥- نام جو دان وٺي ستگر کان - سواس ساڻ کمايان

دسوين آلي ڏيهان لڳايان

بسنت برهم گيان مان پائي - سنسا پور پلايان

ڀورڻ ڀرماڻ پند ڀڄايان

(راڳ آشا ڀڄن ٩) طرز - سکي ساونڻ جا ڏينهن

ٽل- مهل نام جهڙي جي آهي - جپ رام نام دل لائي

١- منش جنم جو امرت ويلو - نام جپي ڪر جنم سهيلو

بنا ڀڄن ليندين اٿ ڌڪيلو - ولندءِ جم جا دوت وراڻي

٢- پاءُ رکي ڪر ڀڄن بندا تون - ڇڏ دنيا جا ڌوڙ ڌنڌا تون

گناهن جا ڪر ڪر نه گندا تون - هت رهڻو توکي ناهي

٣- سهني جنن جڳ جوتو جاڳي -

پنهنجي ڀاڳ کي چور نه سڄائي

موج مڪتيءَ جي چو نتو ماڻي - ڇڏ لاڳاپا سڀ لاهي

٤- چوي بسنت سڻ سمجهه هي پائي -

وري نه ملندءِ اهڙي وڏائي

جنن ڪري ڪر ڀڄن سدائي- وڃ وقت نه وڃ ويجائي

(راڳ آشا ڀڄن ١٠) طرز - سانگي

ٽل- آءُ ستگر تون هڪواري - اچي درشن ڏي دلداري

١- درشن جو مان پياسي آهيان -

ڏرشن ان بنا ڪجهه به نه چاهيان
تو بن ڏهر جڳت مان پاهيان –
لئي ڪارڻ وٺي هئي ساري
٢– نيڻ پريا ڪان ڏسن توسان لاتو –
توڙي لوڪ ڪلنڪ جو ناتو
چاڙ اهو مون ڪوڙ هو چاتو –
ويهه ان تن ڪري تون پياري
٣– روئي ورهه ۾ راتيون گذاريان –
نير ڪڍي مان واٽون نهاريان
پل پل پيهي جان نه پڪاريان –
ناهي تن من کي نه قراري
٤– **بسنت** سان ڇو ڪيئه جدائي –
موٽ ملڻ جي وارج واٽي
گهايل سان گڏ گهار سدائين– سڏي سنگر هيءَ نياري

(راڳ آسا ڀڄن ١١) طرز – دنيا ۾ سڀ جوڙي جوڙي
ٿل– پريتم کي ڪهه ڳولهي ڳولهي – پنهنجي پاڻ ۾ ٿولي
١– پريتم تنهنجو تو وٽ آهي –
پري پرين پل توکان ناهي – پاڇي پو نا پوئي
٢– ٻاهر ڳولين نه ٻور اگياني –
اندر ڏس تون لعل لاثاني – دري نه دل جي کولي
٣– دل اندر دلدار رهي تو –
تن من کي آڌار ڏئي تو – جو ڏسي ٻڌي ٻولي

٤- بسنت سونهي پرڀو پس تون -
وٺي گون ڪان گيان جو گس تون - چهنن ڏس تون چولي

(راڳ آسا چئين ١٢) طرز- ساڳي

ٽل- ساڄن توکي سارهان ساريان - نيڻ ڪٽي نه نهاريان

١- تن ۾ آهي تار توهان جي -
ساهه ۾ آهي سار اوهانجي - ساعت ڪين وساريان

٢- اکڙيون تو بن آهن اداسي -
تنهنجي درشن لاءِ پياسي - رئندي راتيون گذاريان

٣- تو بن ناهه آرام اندر ۾ -
موهن آءُ تون منهنجي مندر ۾ - درشن ڏي دل ٺاريان

٤- بسنت ڪي آهه آش اهائي -
پوري ڪر تون ساڄن سائي - توسان گڏ مان گهاريان

(راڳ آسا چئين ١٣) طرز- منهنجا سروڻ پيارا

ٽل - پائي مانش چولو پيارا، شري رام جپيو رام جپيو

١- ملي درلڀ مانش ديهي - تي چيتن چيت سنڀهئي
ڪري ستگر شبد سنيهڙي - شري رام جپيو

٢- انمول رتن تن پائي - ويهه نڀن ڪان نه نڀائي
من پاپن ڪان نه هٽائي - شري رام جپيو

٣- سرط ستسنگ تي وڌائجي - ڪر ووڪ تون وڌائجي
نت آتم انتر جاڳجي - شري رام جپيو

٤- تن مانش ۾ من ماري - ڪر آتم درشن پياري
سچي بسنت شرڌا ڌاري - شري رام جپيو

(راڳ آشا ڀڄن ١٤) طرز - ساڳي

ٽل - اٿ جاڳ مسافر جلدي اهو وقت اٿي اهو وقت اٿي

١- هٿ آيو ڇڱو ٽائي ويلو - ڇڏي آلس جاڳ سويلو
ڪر آتم رام سان ميلو، اهو وقت اٿي

٢- هٿ تنهنجو ڪجهه ڀي ناهي، هيءُ ديش پرائو آهي
هل پنهنجو تون وطن پڄائي اهو وقت اٿي

٣- اٿي امر ديس اهوئي. بنا سج چنڊ روشن جوئي
پاءِ پاڻ ۾ پريتم سوئي. اهو وقت اٿي.

٤- ڪر بسنت تون هوشياري، وري ملندو نه اهڙي واري
مارڳ ماڳ سچو سک ڪاري اهو وقت اٿي

(راڳ آشا ڀڄن ١٥) طرز - هرڪو مهمان هتڙي

ٽل - ڏن مان ڪر دان جيتري - شردا ۽ پيار سان
شردا ۽ پيار سان هردي اُدار سان

١- جيڪي تون پاڻ ڪندين - سوئي تون ساڻ کڻندين
ڪلندو تون سورڳ ويندين - ديون جي ڌار سان

٢- ڀوڪي جٽن اُن وڏي تو - ڏيندي ٽن ڏن وڏي تو
ڀريو ڀي پرسن ٽائي تو - ڏينن جي سار سان

٣- هر ڀچند ٻل جو نالو - دان ڪندي ٿيو اُجالو
دان جو برهما چالو - ڪيڙو ڏ ڪار سان

٤- دان بنا ڏن اجايو - سنتن آهه صاف سڻايو
بسنت ڪر تون سڄايو، پراُپڪار سان.

(راڳ آشا پڇن ١٦) طرز - ساجن لهه اچي سار سار

ٽل - ستگرو سان ڪر پيار پيار پيار گرو رام آهه
١ - ستگرو جي سيوا ڪر تن سان،
ڏيان گرن جو ڌر تون من سان
تن من ڪر ٻلهار هار هار، گرو رام آهه
٢ - ستگرو پريم جو پيالو پياري، نام ڇپائي پاپ نواري
ڏي تو من کي تار تار تار، گرو رام آهه
٣ - ستگرو کي برهم روپ تون جاڻجه -
ملي گرن سان سو روپ سڃاڻجه
ست چت آنند سار سار سار، گرو رام آهه
٤ - من مکه گر جو مرم نه جاڻي،
بسنت مانش روپ پڇاڻي
گرمکه پاوي پار پار پار، گرو رام آهه.

راڳ آشا پڇن ١٧ طرز - پيا ميري راکي کي

ٽل - ستگرو منهنجي گهر ڀر تون ڪڏهين ايندين،
درشن پنهنجو تون ڏيندين
١ - توکان سواءِ مان ماندي آهيان،
درشن تنهنجو نت تي چاهيان
مونکان نه منهن ورائيندين - ستگرو
٢ - ستگرو توکي سڪ سان ساريان -
تنهنجي اچڻ جون واٽون نهاريان
مونکي تون ڪين ڇڏيندين - ستگرو

٣- پل پل ڀڄهي جان نہ پڪاريان -
آب اکين مان وهي هاريان
ڀڄهي ٿون ڪنهن ڀ ڪٽ ڀڄدين - سنگر

٤- **بسنت** درشن جو آ پياسي - درشن بن دل آهہ اداسي
منهنجو هي سوال ميندين - سنگر

(راڳ آشا ڀڄن ١٨) طرز- ساڳي

ٽل- وٺ ٿون پيارا رام شرن سک دائي -
دنيا سڄي آ دک دائي

١- رام جو آهي منتر نالو - جيءُ جنهن سان تني سڪالو
نام امرت جو پي ڏس پيالو - نشو جنهنجو آهہ نرالو
مهما وڏن ڳائي - وٺ ٿون پيارا

٢- رام شرن ۾ جيڪي آيا - تن جا تيڙا پار سوايا
رام جپي ڪل پاپ مٽايا - آنند منگل گهر ۾ ڇايا
سنتن ساک سٽائي - وٺ ٿون پيارا

٣- رام نام جي بيو نا شاني - رام سکن جي آهي کاني
سارو جڳ هي سمجهي فاني - سڦلي ڪر ٿون هيءَ زندگاني
سمري تنهن کي سدائي - وٺ ٿون پيارا

٤- رام ڀڄن ۾ پورڻ سک تي -
بسنت جنهن ۾ ليش نہ دک تي
رام جپيو هردم گرمک تي - رام نام جي رهہ سنمک تي
تني جو انت سهائي - وٺ ٿون پيارا

(راڳ آسا ڀڄن ۱۹) طرز- ٻهوري ڪي ٻهوري رکي

ٽل- ڪڇ سوچ سمجهه پراڻي، هيءَ دنيا آهه ڦاني

۱- ڪايا مايا ڪم نه ايندءِ - رام جو نالو ليهه ليندءِ ري
جنهنجي پرابر دنيا اندر - ناهي ڪو ثاني

۲- سڪندر جهڙا ڪئي لڏي ويا -
هن دنيا کي هٿ ٿي ڇڏي ويا ري
ڪيئي ڪوانڊر وڏا ڪيرائي - ڪال هٿي کاني

۳- هي دنيا ٺڳي دوکيبازي -
ڪري پرشارٿ ڪمٽ ٿون بازي ري
ناهه ٿون ٿوشو اڳ جو پيارا - جيسين اٿئي جواني

۴- بسنت ڪر ٿون سڪ سان ستسنگ -
چڙهي جنان ٿو رام جو رنگ ري
دنيا دکن جو آهه خزانو - رام اٿئي سک کاني

(راڳ آسا ڀڄن ۲۰) طرز- سڪ ۾ او سڪ ۾

ٽل- منهنجي او منهنجي، منهنجي اگڻ آءِ سنگر پيارا -
سنگر پيارا جيءَ جا جيارا

۱- تنهنجي ملڻ جي آهه پياس ڏاڍي -
سڪڙي سالن کان مون آ ساندي
مون سان اچي مل صاحب ستارا

۲- سڪ سان سدائين توکي سنيار يان -
تنهنجي اچڻ جون واٽون نهار يان
درشن اچي ڏي دل جا دلارا

٣- تارين روشن سان اکڙيون لماڻيون -
توسان ڪيان مان روح جون رهاڻيون
سک جا سڻايان سڀئي حال سارا
٤- ڦيري ڦٽي هٿ اکين آئي گهمايان -
پاون چرن رج مٿي تي لڳايان
مورت رکي من مٽايان مونجهارا
٥- **بسنت** هٿن سان ڪيان ٽهل تنهنجي -
راضي ڪيان دل تنهنجي ۽ پنهنجي
پايان آنند ۾ آنند اپارا

(راڳ وهاڱ ڀڄن ٢١) طرز - هي سنساري چت اداري
ٽل- ڏي امان آگيا خوشيءَ سان - مان جپيان ڪرتار کي
ايشور جو ڌيان ڌاري - ڪاٽيان جم جار کي
١- ڪونه ٿا مونکي وڻن هي - جڳت جا جنسار جي
ڀڄن بن ڀڳوان جي مان، ڇا ڪيان سنسار کي
٢- ڀوڳ روڳي ٿا بڻائن - غرض جا مائٽ سڀي
ڏور ڏنڊا جڳت سندا - ڇا ڪيان وهنوار کي
٣- ڪال جو ڦهري نغارو - ٿو وڄي سر تي سدا
خاڪ ٿيندو گل بدن هي - ڇا ڪيان سينگار کي
٤- هاڻ ماتا ڪر ديا تون - **بسنت** کي اڄ پريم سان
ڌرو ۽ پهلاج وانگي - مان ڏسان مختار کي

(راڳ وهاڱ ڀڄن ٢٢) طرز- ساڳي
ٽل- هي مٺا مختار موهن - منهن ڏيکارين ڇو نه تو

راتِ ڏينهن توکي سنڀاريان - تون سنڀارين ڇو نه تو
١- انتظاري بي قراري - تو بنا آهي گهڻي
پريم پيالو پر ڪري تون - شام پيارين ڇو نه تو
٢- شام موهڪان روپ پنهنجو - تو ڇپايو آهه ڇو
نيڻ نرمل سان نهاري - تون نهارين ڇو نه تو
٣- جي نه ملندين تون مراري - هاءِ مان وينديس مري
شام پنهنجو درس ڏيئي - جيءَ جيارين ڇو نه تو
٤- **بسنت** اچ تون آڱڻ منهنجي -
ويهه ڪري ڳالهڙيون
ٻول مٺڙا تون ٻڌائي - دل نه ٺارين ڇو نه تو

(راڳ وهاڳ ڀڄن ٢٣) طرز - ساڳي

ٽل- برهه ۾ بيمار تيس مان - شام سچ تو ڪانسواءِ
عشق هي آزار لاهو - شام سچ تو ڪانسواءِ
١- ونديا ويا سڀ زور لائي - ڊاڪٽر ٿڪجي پيا
چِتُ منهنجو ڪونه ٺيرو - شام سچ تو ڪانسواءِ
٢- جن ڪيائون ٿي دوائون - پيار سان پنهنجو ڪري
مرض منهنجو ٽٽن وڌي ويو - شام سچ تو ڪانسواءِ
٣- هاڻ موهن ڪا اچي ڪر - ٻاجهه ٻانهي تي ڪٿي
مرض منهنجو ڪونه ويندو - شام سچ تو ڪانسواءِ
٤- **بسنت** منهنجي مرض جي - درشن بنان ناهي دوا
جيئڻ منهنجو ڪونه ٿيندو - شام سچ تو ڪانسواءِ

(راڳ وهاڳ ڀڄن ٢٤) طرز- ساڳي

ٿل- هي منا موهن مراري - منهن ڏيکاري وڃ هليو
نيڻ نرمل سان ٻهاري - تون نهاري، وڃ هليو
١- رات ڏينهن رئندي گذاريان - حال هيڻو مون ٿيو
سانورا سردار مونکي - تون سنواري وڃ هليو
٢- جان منهنجي ٿي جلي - تنهنجي جدائيءَ ۾ منا
برهه جي بيمار کي - پيالو پياري وڃ هليو
٣- ڪونه ٿو مونکان سنو ٿي، هيڻن جدائيءَ جو جيئڻ
يا ته ماري ڇڏ هٿن سان، يا جياري وڃ هليو
٤- بسنت پرڀين کي سنائڻ، شام ايڏو نا ڪپي
آءُ گهايل سان گهڙي هڪ گڏ گذاري وڃ هليو

(راڳ آسا ڀڄن ٢٥) طرز- اي ميرا ديوانا دل هئه

ٿل- هاءِ هي افسوس آهي، من منجهائي تو ڇڏي
وشيه جي وهم ۾ وهائي، من منجهائي تو ڇڏي
١- تو سٺي گانا ٻڄانا، ڪونه تو ستسنگ سٺي
ويس سندر هار پائي، من منجهائي تو ڇڏي
٢- جڳت جي جنسار ۾ تو، کيل خوشيون نت ڪري
رس ۾ رسنا رجهائي، من منجهائي تو ڇڏي
٣- عطر سرها سڳنڌ سونگهي، اکين ۾ سرما وجهي
مان ۽ اڀمان آئي، من منجهائي تو ڇڏي
٤- ڪام ڪاوڙ لوڀ متسر، موهه مايا ۾ ڦسي
بسنت ڀرمن ۾ ڀلائي، من منجهائي تو ڇڏي

(راڳ ڀيروي ڀڄن ٣٦) طرز- گهر آيا ميرا پرديسي

ٽل- سنگر آءِ منهنجي اکين ۾، توکي ڏسان مان ڪن ڪن ۾

١- پلڪ وڇايم پنهنجن جو، پڙدو لڳايم پاڪن جو
وهه اچي وچ پنهنجن ۾، توکي ڏسان مان ڪن ڪن ۾

٢- اکين اندر توکي ڏسان، تو بن ٻي ڪنهنکي نه پسان
نيڻ ملائي نيڻن ۾، توکي ڏسان مان ڪن ڪن ۾

٣- سهڻي صورت تنهن جي آهه،
جنهن موهي دل منهنجي آهه
سا گولهيان ٿي من بن ۾، توکي ڏسان مان ڪن ڪن ۾

٤- بسنت تو بن ڪانه سري،
منهنجي اکين کان ٿيءُ نه پري
دلڙي لڳايان درشن ۾، توکي ڏسان مان ڪن ڪن ۾

(راڳ ڀيروي ڀڄن ٢٧) طرز- ساڳي

ٽل- سنگر ڏي مون سمت سچي،
منهنجي من مندر ۾ اچي

١- شرڌا سان ستسنگ ڪريان، نام جپيان ۽ ڌيان ڌرين
محبت ۾ ٿيان مست مچي، سنگر ڏي مون

٢- ووڪ وڪراڳ سم دم ڌاري،
ڪام ڪروڌ مد موهه ماري
پاپن کان مان وڃان بچي، سنگر ڏي مون

٣- سنتن واري رهت رهان، صبر شڪر سان سيڪي سهان
ڪنهن جي ڪريان ڪانه ڪچي، سنگر ڏي مون

٩- سڀ ۾ ساڪي جوت ڏسان، بسنت پيڊ ۾ ڪين ڦسان
لعل تيان هر رنگ ۾ رچي، ستگر ڏي مون

(راڳ ڀيروي ڀڄن ٢٨) طرز - جائو جائو ري

ٽل- ڪرشن ڪرشن آءِ اڱڻ اسان جي پاون پير گهماءِ
١- ساھ سڄڻ تو توکي ساري اهڙو تون نہ ستاءِ
دانهن درد جي منهنجا منڙا هردي ساڻ هنڊاءِ
٢- جڳ جا سيڻي ناتا توڙي آهيس تو شرناءِ
ديا ڪري داسيءَ ڪي پريو پنهنجو پاڻ پساءِ
٣- پريتم پريم وڌائڻ ڪارڻ مرلي مڌر وڄاءِ
من جي موهہ مٽائڻ خاطر گيتا گيان سڻاءِ
٤- بسنت آهي درشن پياسي درشن ڏي هر راءِ
ساجن تو لئہ سڪ سان ڏهيم من مندر ۾ جاءِ

(راڳ ڀيروي ڀڄن ٢٩) طرز - ساڳي

ٽل- سمجهي سمجهي اي سالڪ سٽ ڪر،
هي پنڌ اوکو آهہ
١- ڏيغون ٽڪيري راهہ پرين جي بلڪل بارڪ باهہ
پيرُ ڪاوڻ قدم اناوڻ ڏنهن تي سوکو نانهہ
٢- پريت لڳاوڻ توڙ نباوڻ چرچو تون نا ڀانءِ
نيهہ نباوڻ ڪارڻ مجنو بنبُ بڻيو بن مانهہ
٣- بي سر سورهہ ڪوئي هلندو ميٺي چنتا چاهہ
مشڪل آهي من کي مارڻ تون نا همٿ اڪاءِ
٤- جي توکي سٽ آهہ سڪڻ جي سر ڏو سيگهہ سنيا هہ

…ڳ ڀيروي ڀڄن (۳۱) طرز - ساڳي

…هري رام جپ تون هري رام جپ،
وڪٽي ٻڌر جپ تون صبوح شام جي

…ڏي ڇاھ ڇڏنا ڇوڙنا رام کي،
آڏدي وھدي ڄپجو نام کي

…ساوج نہ ھڪ پل سندو شام کي،
ڇڏي رام تون پاھ آرام جي

…ڪين جي دکن کي ھري رام تو،
سڪين کي سکي پڙا ڪري رام تو

…ڪون جو پندارھ ٽري رام تو،
ماڻ ٿا جپڻ ساڻ منو ڪام جي

…ٿي جي نہ جيڙري جپڻ ساڻ ٿري،
جپڻ ساڻ پاپي پني پي ٿري

…ھيندڙ ڪرم جو نہ ليکو پري،
ملي تو انھيءَ کي اٽل ڌام جي

…جي بسنت پڳتي جپڻ ساڻ ملي،
ھردي جو ڪمل تو جپڻ ساڻ کلي

…يءَ جي ھندوري جپيندڙ جھلي،
ملي سنگرن ساڻ جپجو نام جي

…ڀيروي ڀڄن (۳۲) طرز - ساڳي

…وھم شووھم شووھم جپو،
ڪڍي دئيت دل مان شووھم جپو

١- شوهم جهڙ جو پيالو پيءُ،
امر ٿي جڳت ۾ اُجالو ٿيءُ
ڪٽي سرو بنڌن نرالو ٿيءُ، اهو امر پيالو پريمي پيءُ

٢- شوهم جهڙ ۾ تو جوٽي رچي،
دنيا جي دکن کان تو سوٽي بچي
جنم ۽ مرڻ ۾ وري نا اچي،
شوهم جي ڏن ۾ سدائين رهو

٣- شوهم جهڙ ۾ تو جيڪو جهلي،
هرديءَ جو ڪمل تو تنهنجو کلي
ڏسي جوت ساکي پرم تو پلي،
سچو هي شوهم پرم پد لهو

٤- **بسنت** انت ۾ پي جپي جاپ جو،
لڳي نا ٿهينڪي پنيه پاپ تو
ستائي نہ تنهن کي تو سنتاپ ڪو،
ڪري چت اڪاگر شوهم چئو

راڳ ڀيروي ڀڄن ٣٣) طرز - ساڳي

ٽل- گرن جي چرنن تان وڃان ٻلهاري،
سچي سرڪ سوهم جي جن آ پياري

١- اڙهيس ٿي لهوارو ٽڪيءَ سير ۾،
هيس مان وياڪل پرم پيڙ
ڪٽي بوڌ بيڙي نيو تير ۾،
ڪيو پار جن آهه يو سڌ پاري

- دنيا جي دکن ۾ هيس مان دکي،
وشيہ واسنا ۾ هئي دل ٻکي
ڏئي گيان مونکي ڪيو گر سکي،
ڇڏيان جان گهوري تئي تان مان ساري
- ذکر ۾ فريبن ڦسايو هيو،
حرص ۾ حواصن هرسايو هيو
ڪتب جي ڪليشن ڪبايو هيو،
ڏئي گيان جن آ ڪٽي موہ جاري
- سچي پريم جي جن ڏني آ ذري،
پٽڙ ساٽ جنهن جي پيو من ٺري
سچو لعل ساڪي ڏٺم هڪ هري،
بسنت برهم واري چڙهي حد خماري

راڳم ڀيروي ڀڄن ٣٤) طرز- سڪ ۾ آهن فائدا

- تو ڪرپان مان ويٺي سڀ هي پتا پرماتما
دان داتا تو منگان ڏي پيار سان سرواتما
- پيار تنهنجو ۽ گرن جو نت رهي منهنجي مٿان
ادب آگيا پريم شرڌا جي گهران تو ڏات مان
- جيت اندرين من مٿان ٿئي گهمنڊ چت ۾ نا ٺئي
ڪام ڪاوڙ لوڀ لالچ کان بچي هي آتما
- ڪڏر پولڙ سنيہ سمرن نام رسنا ۾ رهي
ڪنا ڪيرتن سنت درشن جي رهي نت تات مان
بسنت پرانٿي پيڊ بن ساڪياٽ درشن مون ملي

اوهر آنند مانهه ماهل کي وهان ڏينهن واسه مان

(راڳ ڀيروي ڀڄن ٣٥) طرز - ساڳي

ٽل- سار ساڄن سگهه لهه مان، حال توسان اوريان
حال جو تون آنهه محرم، چپ ڪا اي سان چوريان
١- درد واري دانهه دل جي ڪوڪ تو منهنجي سڻي
سور سالڊي ساهه ۾ ما جي، پنهنجو جهوريان
٢- برهه تنهنجي باهه باري جگر آهه جلائيو
واس رکندي مان گذاريان ڏينهن ڏونگر ڏوريان
٣- تار تنهنجي نام جي کي واس ڏينهن ٽن ۾ وجهي
ڪڏهن ملندين ڪيئن ملندين طالب تن ۾ توريان
٤- بسنت جون آهن اکڙيون لعل توسان کي لڳيون
دان ڏي دوشن سندو مان جان توتان گهوريان

(راڳ ڀيروي ڀڄن ٣٦) طرز - ساڳي

ٽل- هي ديالو ايشور تون عرض منهنجو هي اگهاءِ
پيار سان پنهنجو ڪري تون پاڻ سان مونکي ملاءِ
١- جي ڪيا مون پاپ ڀريو سي نه من ۾ تون هنڊاءِ
جي ڪيا مون شڀ ڪرم سي،
چاهه سان چت ۾ ڌ
٢- ڪر ڀري ڀڙدو جدائيءَ جو نه ديري دم لڳاءِ
دان ڏي دوشن سندو هت مهر جو مونتي گهماءِ
٣- ٿا اٿن اڌ مان اندر ۾ تو بنا آرام نانهه

آءُ موکي ڏون ولي وچ ڏيش ڀيڻڀي ۾ وساهه
٤- هاڻ مهيڻا ڏا وڃن ڏهي ڏيان ڀيارا ڏو سواهه
مل اُهي مدار مولسان ڀاڳ **بسنت** جو ڀلاهه

(راڳ ڀيروي ڀڄن ٣٧) طرز - ساڳي

ٽل- پريم سڌن سارڻ لائي پاهه سک ست سنگ جو
پريم سان پريو پرچائي ماڻ سک هر رنگ جو
١- پريم سان ڪر پاٿ ٻوڇا پاڻ پرگٽيي ڏيو جي
پريم سان پهلاج ڪي درشن ڏنيو نرسنگهه جو
٢- پريم سان شري رام کاڌا ٻير ڀيلڻ جا مٺا
پريم سان پاپي ٽري ٿو پاپ ميٽي انگ جو
٣- پريم سان ماتا جسودا شام سندر ڪي ٻڌو
پريم ٿي نرمول هيرو جيئن جل آ گنگ جو
٤- پريم سان سک شان سمپت **بسنت** ٿي سڀ ڪي ملي
پريم وارو نر سڻي ٿو شبد چيتن چنگ جو

(راڳ ڀيروي ڀڄن ٣٨) طرز - ڪري ڏيا گر

ٽل- واهه وڏي آهه گرن جي ٻولي،
گرن جي ٻولي آهه عجب امولي
١- ستگر سو هم شبد سڻايو ، سمرن ارٿ جو ڀيد ٻڌايو
آتم رنگ رنگي چت چولي، واهه وڏي
٢- نرت نيهن سان ڌيان ڌري ٿي،
ورت وچاري گيان ڪري ٿي

سرت شبد جي تي من هولي، واهه وٽي

٣- چت ۾ چيتن جولي جاڳي، اوڌيا اونڌهه ڀرانتي ڀاڳي

آنند سان ڀري جيءَ جي جهولي، واهه وٽي

٤- ڪرپا ڪري گردشن ڏيئي،

شبد سنڀاڙيو پرم سنيهي

بسنت آهيان تن جي گولي، واهه وٽي

(راڳ ڀيروي ڀڄن ٣٩) طرز- پرميشور جي پريم ٻنا

ٽل- ري من مورک پاپ ڪري ڇو،

هردم پنهنجو پيٽ ڀرين

١- ماس مڇي کائي تو خوش ٿيين،

داروُن پي دل ۾ ٺرين

پيٽ لاءِ تون پاپي ايڏا،

پاپ ڪري ڇو نرڪ ڀرين

٢- ڪوڙيون ڳالهيون توُن هٽ تي،

موند منا ڇو ماڻ ڀرين

وياج ٺڳي چوري رشوت سان،

ڪپٽ ڪري ڇو ڏين ڦرين

٣- پر ناريءَ سان پريت رکي تو،

دل ۾ تنهنجو ڌيان ڌرين

لوڀ موهه ۽ ڪروڌ ڪري ڦر،

ڪوڙن قسمن کان نه ڊرين

٤- بسنت سڀئي ساٿ نه ڏيندءَ،

جن لئہ پڙهين منجهہ گرنٿ

ساڌ سنگت هر ڀڳت ڪري تون،

ڀؤ ساگر مان ڇوٽ ترن

(راڳہ ڀيروي ڀڄن ۴٠) طرز- ساکي

ٽل- پنهنجو دشمن ماڻ ٿئي جو تنهنکي ڪير ڇڏائي

١- لڳي ڇپي جو زهر ٿئي تو تنهنکي ڪير بچائي

گهڻ پاپ جي گهڻ سزا تو بهورک من ۾ ڪاٿي

٢- ماڻ کهاڙو هٿين پير تي ماڻهل پيو پڇتائي

پوءِ ڀوڳڪي روڳ ٻرائي وئڻو دوا ڪرائي

٣- دنيا خرچي دارون پئي تو دردر ڇوڻان ڪاٿي

جوڻا ڪري جواري جڳہ ۾ دردري ٿي دکہ ماٿي

۴- ڪام اند ۾ ڪامي ٿي تو ڪرم ڪڪرم ڪمائي

ابرشا ڪروڌ اگن ۾ ڪروڌي پنهنجو جيءُ جلائي

۵- لوڀ ڪري مايا ۾ لٽڪي هر هر چت ڀٽڪائي

موهہ ممت ۾ پاڻ ڦسائي ويرٿ جنم وڃائي

٦- ڏن جوين سان دلن دکائي سر تي وپت وهائي

سيوا سمرن ساڌ سنگہ کان وئڻو منهڙو مٽائي

٧- ڀلو برو نر پاڻ ٿئي تو ٻئي جو دوش نہ آهي

من کي مارب ماڻ ڀلو ٿئي بسنت هر گن ڳائي

(راڳہ ڀيروي ڀڄن ۴١) طرز- ساکي

ٽل- لولي پيارا پتڙا سڻ تون برهم گيان جي لولي

١- ست چت آنند برهم روپ تون، اکنڊ آنهه اتولي
من بڌ باڻي اندر يه اگوچر، انيڪ روپ ابولي
٢- برهم روپ تو ساگر مانهين، جڳت سڀو آهه ڇولي
پنڊن کوش جو تون آ ساکي، کوش تنهنجي چولي
٣- ڪتب نه تنهنجو تون نه ڪتب جو،
پڇه پرم جي پولي
جوتي تن ايمان کي پائي، روئين ڇو منجهه جهولي
٤- بسنت تون آ سڀ جو سوامي،
مايا تنهنجي گولي
ڪايا مايا کان تي نيارو، بول شووهم بولي

(راڳ ڏانگم پچن ٤٢)

ٽل- سرتيون مونکي ساجن سڏ تو ڪري
ساجن بن هت ڪينڪي رهندس - ويندس پير پري
١- سڏڙن باهه برهه جي باري،
سڏ بڌ وسري وئي سنساري، محبت مچ تو ٻري
٢- ساجن ري سڀ سچ تي ياهان،
تن من سان تي ساجن چاهيان، ساعت ڪين سري
٣- ساجن کي مان ڏسندس ڏوري،
پاڙ ڇڏيندس تنهن تان گهوري، تيندس پل نه پري
٤- بسنت پند ۾ پاهه مان تيندس،
ملڻ بنان پوئتي نا مڙندس، مرندس مان جهڙي

(راڳ ڪلنگڙو ڀڄن ٤٣)

ٽُل - جو ڏسين ٿو هن اکين سان، خاڪ سو جهنسار آهه
جو ٻڌين ٿو ٻن ڪنن سان، خاڪ سو سنسار آهه
١- خاڪ ديوي ديو دانو، خاڪ سورڳ دوار آهه
خاڪ سورج چندر تارا، خاڪ نڀ ترڏار آهه
٢- خاڪ اگني پون پاڻي، خاڪ ڌرن پهاڙ آهه
خاڪ راجا راڄ پرجا، خاڪ ڪل پروار آهه
٣- خاڪ زيور خاڪ وستر، خاڪ تن سينگار آهه
خاڪ موتي محل ماڙيون، خاڪ رٿ هسوار آهه
٤- خاڪ گل ڦل باغ بلبل، خاڪ بسنت بهار آهه
خاڪ ۾ اوطاق جنهنجي، سو سچو ڪرتار آهه

(راڳ ڪلنگڙو ڀڄن ٤٤)

ٽُل- جوڳ جي ڪر ساڌنا تون، جوڳ جوڳي ٿي ڪماءِ
ڀوڳ روڳي ٿا بڻائن، ڀوڳ ۾ من نا لڳاءِ
١- ڇوڙ آشا ڌار ڌيرج، شيل ست جت کي وڌاءِ
نام جپ آراڌنا ڪر، صاف پنهنجي دل بڻاءِ
٢- ديه آسڻ کي ڪري تون، ويهي سوڌو جا بڄاءِ
روڪ ڪنيءَ سان پراڻن کي اپانن ۾ ملاءِ
٣- جيت اندريون وڳ من جو، پريت وشين سان نه پاءِ
ڌارڻا ڪر آتما جي، ڌيان آتم جو پڄاءِ
٤- بسنت ڦرنا ڦڪر جيڪي، جوڳ جڳتيءَ ان جلاءِ
سن منڊل ۾ سهج سک جو، سرت کي تنهن ۾ سماءِ

(راڳ ڪوهيار ڀڄن ٤٥)

ٽل - جهنگل ۾ جوڳڻ جون جاڳون،
شهر ڇڏ ڀائون ڇوڙي ٻنڌن ٽوڙي

١- وحدت جو وهي واس وڻن تان، وار وارائي ووڙي
٢- لڙو لائي ٽيا لعل گلالا، جانب سان جيءَ جوڙي
٣- تيز تمع کي ترڪ ڪيائون، ڪميا ڪيما ڪوڙي
٤- اندر ٻاهر آهن سم ۾، **بسنت** ڀيائي ٻوڙي، ٻنڌن

(راڳ ڪوهياري ڀڄن ٤٦)

ٽل- پريم مندر ۾ پريم پرڪاشي،
ساڌو رهن سچارا، پريتم پيارا

١- سم سنتوشي ٻرهم وچاري، نشڪامي نرمان اداري
نرپکيه ڌرم اُڌارا، پريتم پيارا
٢- رهڻي ڪهڻي جن جي سهڻي؛
ٻولن ٻاڻي تا من موهڻي، آهن ڀڄن ڀنڊارا، پريتم
٣- ڌرم ڪرم ۾ نيمت وچارن،
هر ڀڳتن جي ڪٿا اچارن، پريم جا ڪن پرچارا، پريم
٤- گيان ڌيان گر شبد سڻائي؛ رام رنگ ستسنگ ملائي
ميٽن اگيه انڌارا، پريتم پيارا
٥- **بسنت** تن جو ستسنگ ڪريو،
وچن سڻي سي چت ۾ ڌريو، ڀائو موکيه دوارا، پريتم

(راڳ ڪوهياري ڀڄن ٤٧) طرز- ڦيري ٻوندي سان

ٽل- ستگر جي دربار ۾، مونکي وڃڻو آهه پو پڄڻو آهه

١- سنگ ۽ ستگر ڏاهو جو،
موڪي ڪرڻو آهه ڪين مڙڻو آهه
٢- سدا گرن جي نام سان، من گڏڻو آهه موهه ڇڏڻو آهه
٣- پريم ۽ پيالو پريم جو، موکي پيڻو آهه مري جيئڻو آهه
٤- **بسنت** ٽانو لوڪ جو، سڀ سهڻو آهه لعل لهڻو آهه

(راڳ ڪوهياري ڀڄن ٤٨) طرز- ساڳي

ٽل- جوتي هن ۽ جهان مان،
نيت لڏڻو آهه سڀ ڇڏڻو آهه
١- رهي ۽ رهندا ڪيترو، هتان هلڻو آهه پار پلڻو آهه
٢- جتن ڪندا جي زور سان،
نڪي ٽيڻو آهه نڪي جيئڻو آهه
٣- پرڀن پرائي ڏيهه مان، نڪي وڻڻو آهه نڪي ڪٽڻو آهه
٤- **بسنت** پنهنجي ديش ۾،
گهر اڏڻو آهه من گڏڻو آهه

(راڳ ڪوهياري ڀڄن ٤٩) طرز- پريم ڪرايو موکي

ٽل- ڪر تون فريدا ڀڄن پيارا،
شونق دنيا جا ڇڏ تون سارا
١- جهنگل ۾ وڃي جوڳ ڪمائج،
روئي روئي تون رام رجهائج
ڏکن ٻکن جا ڪر تون سهارا، ڪر تون
٢- آهو فرهاد و بن ۾ ڪاهي، هر سان وهنو لنوڙي لائي
سڏڙا ڪري اچ نند دلارا، ڪر تون

٣- آيو فرهدو گهر ۾ موٽي ،
ماءُ ڏنس ڀوءِ کاٽ جي روٽي
پٽ انهيءَ تي ڪرتون گذارا ، ڪرتون
٤- موٽي فرهدو بن ۾ آيو ، ڪوهه ۾ لڳڪي پاڻ سڪايو
ڪانو ڪيڏڻ آيو اکين جا تارا ، ڪرتون
٥- **بسنت** فرهدي ڪٿي ڪمائي ،
پرگهٽ ٿيڙو ڪرشن ڪنائي
درشن سان سڪه ٿيا اپارا ، ڪرتون

(راڳ مانجهه لوڙائو ڀڄن ٥٠) طرز- دو نئن ماي

ٿل- هي جڳت سڄو تي سراءِ ادا ؛
هت هر ڪو مسافر آهه ادا
١- وڏا راجا راڻا راڄ چڙهي؛ سڀ پير فقير محتاج لڌي
تون وڃين گهر ڪنهن ڪاج اڏي،
هت ڪانهي تنهنجي جاءِ ادا
٢- هيو ڏهه سر راوڻ لنڪ پتي ؛
ڏک ديون کي ڏنو جنهن هو آتي
ويو راوڻ سو ٻي وير آئي ،
تون به ساڃهه پاڻ سنڀاءِ ادا
٣- ڏس سڪندر شاهه سلطان هيو ،
جنهن شاهي جڳ ۾ شان ڪيو
هٿين خالي سو پهلوان ويو ،
آهي تنهنجي ڪهڙي راهه ادا

ـ اُت جاڳ بسنت ڪر ياد هري ،

ڪر نام بنا نه برباد گهڙي

هت تيندو پڇاڙو داد وري ،

سچو اڳي لئه وڪر وهاءِ ادا

راڳ مانجهه لوڙائو پڇن (٥) طرز ـ دل لوٽڻي والي

ـ مونکي پور پون ٿا پوهارن جا ،

مٺن مارئڙن من ٺارن جا

ـ جن مارن سان گڏ گهاريم ٿي ؛

چيلا چيليون جهنگ ۾ چاريم ٿي

ڪٽي نيرڻ نماڻا نهاريم ٿي ،

سي وسرن ست نه سنگهارن جا

عمر موڪل ڏي مان ملير وڃان ،

ملي مارن سان ڪلهي ڪير پيان

ڦٽا وٺس ڪري لٿا لير ڪيان ،

ٽٽا وٺس وٽن هيرا هارن جا

تون ياءُ عمر مان پيرڻ سڳبي ،

سچ صاف چوان نانهه ناهه تڳبي

سڪ مارن جي من آهه لڳبي ؛ ٽٽا تال وٽن تو پارن جا

چوي بسنت ساعت ڪانه سري ؛

من مارن ريءَ تو روز رڙي

عمر ميل مارن سان مهر ڪري ؛

وڃي وس ڏسان ته وڇارن جا

(راڳ مانجهه لوڙائو ڀڄن ٥٣) طرز - ساڳي

ٽل - منهنجي ٽو ان ستگر ڪاله سري ؛
اڄ اڱڻ اسان جي لهر لري

١- مان ستگر توکي ساريان ٿي ؛
ڪٽي نيڻ لماڻا نهاريان ٿي
روئي آب اکين مان هاريان ٿي ؛
مل مالڪ مونسان مهر ڪري

٢- مٺا ٻول ٻڌائي دلڙي ڪٺي ؛
ونيڻ ٻاڻ چلائي جادو هٺي
اها توکي ڪيئن آ ڳالهه وٺي ؛
ڪر قياس ڪو دل ۾ ڌيان ڌري

٣- اهڙي هيٺ منهن نه ڌڪارين ها ؛
نڪي پيالو پريم جو پيارين ها
نڪي ساجن سڪڻ سيکارين ها ؛
سڪ تنهنجي ۾ تو ساهه ڳري

٤- اڄ بسنت وقت هڪواري ٿون ؛
ڏي درشن ۽ دلداري ٿون
ڪر ستگر هيءَ ستاري ٿون ؛
ٿيءَ پلڪ نه مونکان هاڻ پري

(راڳ مانجهه لوڙائو ڀڄن ٥٣) طرز - ساڳي

ٽل- اڄي سوڙ هيءَ ۾ ٿيءَ سهاءِ گرو ؛
ڏکيو ڏکه جو ڏينهن نه ڏيکاءِ گرو

١— جڏهن بدن ۾ ڪا بيماري ٿي-
من ٻوشين ۾ نه وڪاري ٿي
ڪامي ڪروڌي ۽ اهنڪاري ٿي-
تڏهن پنهنجو نام جپاءِ گرو

٢— جڏهن مايا موه منجهائي ٿو- ۽ لالچ لوڀ لڀائي ٿو
چنتا دشمن چور ستائي ٿو-
تڏهن پنهنجو پاڻ پساءِ گرو

٣— جڏهن بسنت انت جو ويلو ٿي-
تڏهن توسان منهنجو ميلو ٿي
جڏهن مانش جنم سهيلو ٿي- اهو گيان سچو نه سڪاءِ گرو

(راڳ لوڙائو ڀڄن ٥٣) طرز- ٽالي الڪ جي

ٽل- دنيا آهه دورنگي دڪن جو خزانو-
سکي هن دنيا ۾ نه ٽيو رنگ راڻو

١— ڪجهن ڪوڙ ڪشالا دنيا گڏ ڪرڻ ۾-
ٿي چت ۾ چنتا رکڻ ۽ خرچڻ ۾
ڪري ٿي وڃڻ ۾ منجهائي مستانو

٢— وجهي وير وڙهائي پيءُ ۽ پٽن کي-
ڪري ڌار ڌر کان مائٽن مٽن کي
دلاسي سان دل کي ڪري ٿي ديوانو

٣— رلائي رڻائي ٿي ڌوڙي ڌڏن ۾- ڦسائي ڦرڻ
فڪر ۽ فڌن ۾- پلائي پرمن ۾ ڪري ڪو بهانو

٤- جوءِ بسنت دنيا سڀني کي ڏکائي - ڀڄي سو ڏکن کان
هري جو ٿي ڀائي - اهو وچن گيتا ۾ ويدن وڪاڻو

(راڳ لوڙائو ڀڄن ٥٤) طرز - ساڳي

ٽل- جنم ڌاري جڳ ۾ سڀکي ڪونه ڇڏيو -
رهندو ۽ رڙندو هتان هرڪو ويڙو

١- رنو اندر ديوتا سڀني نار نهاري -
ڀرشرام رنو هو سڀکي ماڻ ماري
رنو اڄ هو راجا ڪنهن دان ڪيڙو

٢- رنو ديت راوڻ جهڙي لنڪ جڏهين، لڳي لڇڻ برڇي
رنو رام ڏڏهين - رنو پرتري راجا پيري تڪ ۾ هيڙو

٣- رنا پنجئي پانڊو مزوري ڪرڻ ۾ - رئي نار سندر
پنڌ جي مرڻ ۾ - رئن سنت ساڌو ڪنڌو حال ڪهڙو

٤- **بسنت** جيءَ رئي ٿو گريب ۾ جمڻ ۾ -
رئي بال جوڀن بيداپي مرڻ ۾
بنا هر ڀڄن جي سڀکي ناهه جيئڙو

(راڳ لوڙائو ڀڄن ٥٥) طرز - ساڳي

ٽل- چڏيان ڪيئن سرتيون وطن کي وساري -
سچو ساهه منهنجو وطن کي سنڀاري

١- وطن آ اسانجو اصل کان اباڻو - جتي سک سڀئي
هيو ڏک نه ڏاڻو - اها سار سکن جي سدا ٿي رڙاري

٢- وطن کي چڏي ڀوءِ رنو رام ڪرشن -
ڏسي ڏيهه پنهنجو گرڙ ڇيو ڪ ڀرسن

وطن جو ڏ. درشن ڇڏي جي ڪ ڀالري

٣- سدا ديش پنهنجو مدو آهي سڀ ڪي - پوي پاڇ هاڻي
سڀجي شال رهي ڪي- وري ورن وطن جا اسانکي ڏيکاري

٤- وطن جي ڏسڻ جي سڀڪي پياس آهي -
ڏرڻ جي پهريان جي بسنت آس آهي
ڏسي خوش ٿيان مان ليڪن سان ٿهاري

(راڳ لوڙائو پڇن ٥٦)

ٽل- دايا ڪر ديالو دايا ڪر دياه
ڪري مهر مالڪ ميا ڪر ميا

١- هري دوار تنهنجي آيس مان هلي -
ڪري ڪانڌ ڪريا ڪجاڻ تون پلي

٢- ڪيو معاف منهنجون مندايون سڀا -
ٿيو ٿيان پڳتي ڪيان ڪم سڀا

٣- رهي ديهه ڏروڳي پٽي مان ويراڳي -
ڏريان ڏيان تنهنجو جپيان نام جاڳي

٤- سچائي سمت سادگي سان هلان -
هري جيڏري ٿو سان مري مان ملان

٥- رهي شانت چت نا خوشي غم ڪري -
بسنت سڀ ۾ ٿو ڪي ڏسي پيو ڏري

(راڳ لوڙائو پڇن ٥٧)

١- پرم ذڪر جي چاهين هر سان -
اول پنهنگ. چڻن پاڻ پڇاڻ

نيهن نڀائڻ جي چاهين تون - مڇليءَ وانگر نيهن نڀاءِ
١- پريم رنگڻ سوليءَ تي چڙهڻو - تيغ ڌار تي هلڻو آهه
وشيه وڪارن ۽ پاپن کان - پل پل پاڻ کي ڀڄڻو آهه
من کي ماري شانتي ڌاري -
هوڏ هٺڙ هٽ حجت هٽاءِ
٢- پريت پريم ڪيو رگهوڙ سان - راڄ ڪاڄ سڀ ساڄ ڇڏي
گوپين پريم ڪيو نٽور سان -
لوڪ ويد ڪل لاڄ ڇڏي
تون بي شوق ڇڏي سڀ جڳ جا -
ڪيول پريت پريوءَ سان پاءِ
٣- پريم ڪيو هو صدني سڻني -
سو ريون سختيون سر تي سهي
سو رسنا ها ميران نامي - پريم جي مارگ مانهه رهي
پريم ڪرڻ ڪو سوڪو ناهي - جيڙي مرڻ جي آهه جاءِ
٤- **بسنت** سڪ شرڌا سان شيوا - ڪر تون ستگر سنتن جي
سواس سواس سان سمرڻ ڪر تون -
پياس رکي هڪ درشن جي
نشڪامي نرماني ٿي تون - پريم پنت ۾ وکڙي وڌاءِ

(راڳ پيلو ڀڄن ٥٨)

ٽل- سنگ ڪيو هر وار پياري سنتن جو
١- سنتن جو سنگ بيڙو آهي -
ڀوساگر کان پار پڄائي - چڙهي هلو هن پار پياري

٢- سنتن جو سنگ تيرٿ آهي -
پاپن جي تو ميل مٽائي - تائي ميل اُتار پياري
٣- ستسنگ پارس سون بڻائي -
ڪلپ برڇ جئن آش پڄائي - ملن پدارٿ چار پياري
٤- ستسنگ مان گرُ گيان ملي ٿو -
بسنت دل جو ڪمل کلي ٿو - ستسنگ هر دربار پياري

(راڳ پيلو ڀڄن ٥٩)

ٽل- پريم ڪريو هر وار پياري پريم ڪريو
١- پريم بنا ڪو ڪنهن جو ناهي -
سڪ سان سڀڪو پنهنجو آهي - سڀکي پريم پيار
٢- پريم بنا جپ تپ ۽ سيوا -
ذات پات تن ڌام ۽ ميوا - ڪنهنڪي ناهه درڪار
٣- سڀ ڪان سهڻو پريم جو ناتو -
پرڀو پريم سان پريو پاتو - پريم ڪي دل ۾ ڌار
٤- بسنت دنوي پريم هٽائي -
پرميشور سان پريم لڳائي - پاڻ تري ڪل تار

(راڳ پيلو ڀڄن ٦٠)

ٽل- پترتا جي ماهون سي مائٽن کي پل جاهون
١- پورن پرهت پتيءَ سان ڪن جي -
پر پرش ڏي ڪين ڏسن جي - رام مٺي تن راهون
٢- پيڪي ساهري سڪ سان گهارن -

هٽ هٽ ڇهلي ڪڍهي، نه مارن

تن جون جمت ڪٽڪ چاهرن، سي مائٽن کي

٣- مان وڏن جو سدا، وڪن جي –

هاچ هٿن سان گهرجي ڪن جي

تن گهر رت سڌ گهوڙن، سي مائٽن کي

٤- گهر کي سرڳ جيان سينگارين،

چال ٻچن کي چڱي سيکارين، آڇون سڦل ڪمائون

٥- سدا شيل سنتوش ۾ گهارن

من مان وير ورود وساون، تن جون وڏيون وڏايون

٦- بسنت جن پنهنجو من مارئو،

نام جپي تري ڪُل کي تاريو

لک لک تن کي واڌايون، سي مائٽن کي

(راڳ پيلو ڀڄن ٦)

ٽل- لولي ڏيان لعل توکي، پٽڙا مان پيار سان

پٽڙا مان پيار سان منڙي سر تار سان

١- جيئين تون جڳ ۾ گهڻو، وڏي شل شان تنهنجو

پورو تون ٿيج پٽڙا، ڌرم ويهوار سان

٢- تن ڌن جوڙين سندو، مائٽين تون سکڙو سدا

خوش تون گذار پٽڙا، پنهنجي پريوار سان

٣- جوتو آهه جڳت سارو، تنهنڪان تون منهڙو موڙي

سڀي تون لائج لنوڙي، سڀي ڪرتار سان

٤- بسنت سنگر ڪان ٿون، آتم جو گيان پائي
پريمن کي تارج پنهنجا برهم ويچار سان

(راڳ پيلو ڀڄن ٦٢)

ٽل- ڪرشن ست ڪرتار آهه، آنند روپ اپار آهه
ساکي سرجڻهار آهه، ڪرشن ست

١- ڀومي تي جڏهن ڀار ٿيو، ديون لئه آزار ٿيو
لوڪن هاهاڪار ڪيو، تڏهن الک ورتو اوتار آهه

٢- ماري دئيت ڪئي جنهن ڪاري،
ديون سنتن پڄهه سنواري
پرجا کي هر ڪيو سکاري، گائين جو رکوار آهه

٣- پريم سندو پرچار ڪري، گيتا کي نرواڻ ڪري
ڌرم سناتن سار ڪري، لاٿو ڀومي ڀار آهه

٤- بسنت پريمي جاڳي تو، شرڌا من ۾ آڻي تو
موج ملي سو ماڻي تو، موهن من جو ٺار آهه

(راڳ پيلو ڀڄن ٦٣)

ٽل- موهن منهن ڏيکار تون، پريم جو پيالو پيار تون
درشن سان دل ٺار تون، موهن

١- جئن چڪور چند پياسي، سارنگ سوانتي بوند خواشي
تئن من تو بن آهه اداسي، نيڻ کڻي ته نهار تون

٢- چڪوي چڪوي کي جئن ساري،
مڇلي جل بن گهڙي نه گهاري

تنهن توکي تو ساهه سنڀاري، سڪندن کي نه وسار تون

۳- موهن مل ٻا چڙ تون ماري،

انهن نه وولي چڙ تون ڪاري

جانب جڙ ڙي جند چباري، دل جا درد نوار تون

۴- بسنت ياوي ساڻ پڪاري،

درشن ڏي تون پرتم پياري

سانول پنهنجو پرد سنڀاري، گهاٽل سان گڏ گهار تون

(راڳ پيلو پڇن ٦۴) طرز- پي وي پيوليا پي

ٽل- سور تون منٺا سور، هي سواس جي مالا سور

۱- سواس ۾ سنگر شبد ملائي،

تنهن ۾ چت جي ورت لڳائي، ڏيان جي پائي ڏو

۲- سواس اولڪ مالڪ موتي، جنهن ۾ آهي نام جي جوتي

جوتي سان جي جوڙ، سور

۳- مول ڪنول ڪان سواس هلي تو،

دسون دواري جاه ملي تو، اور انهي ۾ اور، سو

۴- سواس جي مالا جن جن سوري،

بسنت تن کي هردم هوري، تون ٻي چت سان چو

(راڳ پيلو پڇن ٦۵) طرز- ساڳي

ٽل- سهه وي جيڙا سهه، تون سک دک سر ٽي سهه

۱- سک دک کرمن جو ڦل آهي،

قصور ڪوئي ڪنهنجو ناهي، ڇاي نه ٻي کي چه

٢- ڇمڪي سيٺو آهه سو کيندو ،
رنڌي ڪهٽ وڌ هٿ تا ايندو، رهنا ٿي راضي رهه

٣- صبر ڪندڙن کان صاحب ملندو ،
ٻي صبري ۾ سان جهيڙو جهلندو تن کي ڏي تا ٽڪر

٤- بسنت جنهن ڪون نام جو ٽالو ،
سک دک کان لنگ رهي ٽرالو ، لوهي لعل کي لهه

(راڳ پيلو ڀڄن ٦٦) طرز- ساڳي

ٽل- ٿيءُ وي پريمي ٿيءُ، ڪون پريم جو پيالو پيءُ

١- پريم جو پيالو آهه اُجالو ،
موج ڀري ڪري متوالو ، پريم جو پريمي ٿيءُ

٢- پريم جو پيالو من کي ٺاري،
ڪپٽ ٽواري دل کي ٺاري، مٺي سنسو سيءُ

٣- پريم جو پيالو ماکي کان مهانگو ،
سر ڏيندڙن کان آهه سهانگو، ٿيءُ ڪون ڏيئي جيءُ

٥- بسنت پريم جو پيالو پيئي جو ،
جهري جڳ ۾ مري جيئي سو ، ٻائي آتم ٿيءُ

(راڳ پيلو ٻهاڙي ڀڄن ٦٧) طرز- هي ماڳ ڪمهجو ناهي

ٽل- من موهن منهنجي من جون، آشون پڄائڻ ڪون

١- دنيا جي لوڙن لهرن، ڏاڍو ستايو آهه
اها شام وڃائي مرلي، سڀ درد مٽائڻ ڪون

٢- ماٺا منجهائي منزو ، موهن ڇڏيو آ منهنجو
هر ڪيان پرهم جو ڏيئي، هي موه مٽائڻ ڪون

۳- مان آهيان درشن پياسي، تون درشن ڏي اوناسي
اڄي مهر جو هٿڙو مونتي، گهنشام گهمائڄ تون

۴- **بسنت** سان مل سوامي، هي آتم انتريامي
هي موهن منهنجو اجڙيل، وڙهو وسائڄ تون

راڳ پيلو ڀڄن (٦٨) طرز- ساري ساري رات

ٽل- گرو گهر آيا منهنجي پيرڙا پائي،
پيرڙا پائي پنهنجو پال پلائي ري

۱- سالن کان هئي آش اندر ۾،
ستگر ايندا منهنجي مندر ۾
منهنجي مندر ايندا مهر وسائي ري

۲- ڪري گرن جو سڪ سان درشن-
منهنجي دل تي آهي پرسن
اڄ ته اندر ڏايو آنند آهي ري

۳- ستگر پنهنجي ڪرپا ڌاري- ڇڏيا منهنجا ڪشٽ نواري
پنهنجي پاڻ سائين مونکي ملائي ري

۴- **بسنت** ستگر شبد سڻايو- هرديءِ آتم لعل لکايو
برهم گيان جي جيءَ ۾ جوت جڳائي ري

(ڀڄن ٦٩) طرز- راجا نا بول نا بول

ٽل- من شري رام شري رام چئه-
ڪڏن ڪمن کان ڪر تون ڪه

۱- رام جو نالو آ سکدائي - سيني دکن جي آهه دوائي

رام ڄيڻ ۾ نه آهي ڀئه

٢- رام جپي ڪيئي پاپي تري ويا -

ڀيڄ ۽ اونچي پد تي چڙهي ويا

رام رنگ ۾ تون ٻي رهه

٣- دنيا سڄي هيءَ آهي فاني، رام اٿي ست آنند ڪاڻي

رام جپي هر من جو ڏيئه

٤- رام نام تو مڪت ملائي - **بسنت** ٽيئي تاپ مٽائي

رام شرن ۾ پل پل پئه

(راڳ ڪنياڻ ڀڄن ٧٠) طرز - چمن ۾ رهڪي ويرانا

ٽل- هري هن ديش ڀارت ۾ - آهي انسان پيدا ڪر

اٿائن جي ڪرپال هند ڪي - اهي گڻوان پيدا ڪر

١- سچو اپديش ڪن جيڪي - هري هن ديش ڀارت کي

اهي براهمڻ سچا سادو - رشي ودوان پيدا ڪر

٢- ڌرم ۽ ديش جي خاطر - سهن سختيون سدا جيڪي

حقيقت جهڙن ڪنائن سر - اها سنتان پيدا ڪر

٣- هرچند ٻل ڪرڻ جهڙا - وچن ۽ دان جا پورا

پرشدر ڀيم لڇمڻ جان - سچا ٻلوان پيدا ڪر

٤- ستي سيتا جهڙين ديويون - پتيءَ سان پيار ڪن جيئي

سدا رن جي **بسنت** ٻچڙا - آهي ڀڳوان پيدا ڪر

(راڳ ڪنياڻ ڀڄن ٧١) طرز - ساڳي

ٽل- ظلم زاري نه ڪر ظالم - ظلم توکي نه ڪم ايندو

جوانيءَ تي نه ڪر تڪبر - اهو توکي نه ڙ نبيندو

١- ظلم ڀاري ڪيو راوڻ - ويو پروار سان گڏ سو
ملي لنڪا ويڀيشڻ کي - ڀلا ظالم ڪيئن جيئندو
٢- ڪنس هارون هرناڪس - ڪيا تي ظلم زوريءَ سان
ويا ڪاڏي وچاري ڏس - سدا ظالم نه هت رهندو
٣- ظلم جي ٻاهه جنهن ٻاري - ڏسي ڏن مان جوين کي
دکين جي دانهن دونهين ۾ - جلي ظالم جلد ويندو
۴- سهين سر تي سڄڻ تون - ٻين سان ڀڻ سدا ڪر سو
ڪيل پنهنجو ڪرم سڀ کي - هتي هت ڀوڳڻو پوندو
٥- ظلم ظالم ڇڏي ڇن ۾ - ڀلائي ڪر سدا سڀ سان
ڀلائيءَ سان ڀلو ماڻهو - **بسنت** ڀڳوان سان ملندو

(راڳ ضلع **ڀڄن ٧٢**) طرز- اڪ رات ۾ دو دو چاند

ٽڪ- تون ٻاجهه ڪري ٻاجهارا ستگر - ٻيڙو منهنجو تار اچي
هترا ڏيئي هاڻ همت جا - پل ۾ پار اُڪار اچي
١- ڀوساگر جي ڀيڙ منجهان ڪان - سنتڙ ساٿ سنوار اچي
ناٿ نماڻيءَ نبليءَ تي ڪا- دنيا جي دشتي ڏار اچي
٢- هيڻن سان همراه هري تي - هامي ٿيءُ هروار اچي
شرن پئي جا سنڪٽ سوامي - نظر ساڻ نوار اچي
٣- اوٽ الک مان تنهنجي ورتي - جهڙي جند جيار اچي
درشن ڏيئي دلڙي دکايل - تاڪر منهنجي تار اچي
٥- **بسنت** منهنجا ڏوهه نه ڏس تون -
پنهنجو برد سنڀار اچي
سمرٿ سائين ٿيءُ سهائي - اوکيءَ ۾ اور وار اچي

(راڳ ضلع ڀڄن ٧٣) طرز - ساڳي

ٽل- ستگر سوامي انترجامي - ڏين ٻڌو داتار گرو
دان نام جو ڏيو داسيءَ کي - دل جا درد نوار گرو

١- ٻالڻ ۾ مون عمر وڃائي - ڌرم ڪرم نا ڪين ڪمائي
بخش بد ٻون تون منهنجا سائين - پنهنجو ٻرد سنڀار گرو

٢- نڌر ننڌڻي عيبن هاڻي -
آهيان تنهنجي در تي وڪاڻي
اوکيءَ ۾ هر ٿيءُ تون ساٿي -
هيڻيءَ سان همروار گهرو

٣- نرمل نير ڪٽي ته نهارج - ڌرم شرم جي لاڄ سنوارج
ٻيڙي منهنجي تار مان تارج - مهر ڪري من تار گرو

٤- **بسنت** ڪي گر درشن ڏيئي - منترا وچن سڻائي وٺي
گيان ڏئي هر تاپ سيٽيئي - ساڪي سرجڻ هار گرو

(راڳ ضلع ڀڄن ٧٤) طرز - آجا او آجا آجا ميري

ٽل- آءُ تون او آءُ تون -
آءُ تون اسانجي گهر ۾ پيارا ڪرشن ڪنائي
مان سهي سگهان ٿو ڪينڪي هاءِ تنهنجي جدائي

١- تنهنجي جدائيءَ منهنجو جيئڙو جلي پيو آهه جهوري
حال اندر جو ڪنهن سان اوريان ڪونهي ڪو ٻائي

٢- آءُ ته ڪريان ڪي ڳالهيون، توسان وڇوڙي واريون
جي مان سانڍيم تنهنجي سڪ جون ساهه ۾ سدائي

٣- مان سڪ سان توکي ساريان - ۽ نيڻ ڪٽي ٿي نهاريان
تو سخت ڪري ڇو دل کي موهن ڏيري لڳائي

٤- آءِ بسنت سان مل ڇيڙي -
ٻوءِ موئي مانديان ٻن ڪهڻ سان
ديا ڪري ڏي سانول هاڻي درشن سک داتي

(راڳ ضلع ڀڄن ٧٥) طرز- ساڳي

ٽل- ستگر او ستگر - ستگر -
ڇڏي ٻي اوٽ آيس تنهنجي دواري
توڪانسواءِ ٻيو ڪير آهه جو ڀوساگر تاري

١- هي ڀوساگر آهي ڀاري - ڪر تنهن ۾ تون رکواري
پاڻ ملاح ٿي ڪر منهنجو ٻيڙو ڪناري

٢- جي پاپ ڪيا مون ڀاري، ڪر معافي سي هڪواري
ڏيئن ڏيالو ڏوهه نه منهنجا ڏس تون وچاري

٣- هي عرض ڪريان مان روئي -
مرط ستگر دل سان سوئي
پنهنجي چرنن جي ڏي سيوا درسن ٿي پياري

٤- ڏي بسنت کي هر ڀڳتي ۽ برهم گيان گرط مڪتي
پريم پيالو پياري ڏي تون شانتي من ٺاري

(راڳ ضلع ڀڄن ٧٦) طرز- ساڳي

ٽل- دل ۾ او دل ۾ دل ۾ وڄي تون ؛
رالو ڏ پنهان نيهن جو نغارو
سو من مڪه سڻندو ڪينڪي ڪو ٿيندو گر پيارو

١- ڇا سندر ساز وڄي ٿو، سڀئي روح رو ڪين رهي ٿو
عجب آهه آواز جهڻڪو، سازن کان نيارو
٢- وڄهه دم ۾ دم دمائي ۽ شرڻي شبد ملائي
جهيڻي جهيڻي شروت ڪري سڀ سوهم سونهارو
٣- ڪر ڪن اکيون بند اهڙي، سڀ انهد شبد سڻبهي
جنهن ۾ آهي مرلي مرڏنگ ساړنگ ستارو
٤- وٺ بسنت شرڻي گرجي پٽ کڙڪي دسوين دَرَجي
پي سرڪي امرت واري ڏس ٿون اکنڊ اجيارو

(راڳ ضلع ڀڄن ٧٧) طرز - ساڳي

ٽيڪ- ٿو ۾ او ٿو ۾ ٿو ۾ سدائي آهي تجلو پريوه جو پيارا
ٿون سهي سچائه ساڄن ٿنهنڪي ستگر جي دوارا
١- جو لعل لڪل ٿو ڳولهين سو ظاهر ظهور آهي
اندر ٻاهر آهن جنهن جا پسريل پسارا
٢- جنهن جي ستا سان سارو سنسار هي هلي ٿو
جوت جنهن جي سان چمڪن ٿا سج چنڊ ۽ تارا
٣- جو صاحب وياپڪ سڀ ۾ سو ساکي ٿو ۾ آهي
آهن جنهن جا اکين اندر نرمل نظارا
٤- چو بسنت ڀاڄي ٻاهر ٿون بن پربت ٿو ڳولهين
انتر مکه اڀياس ڪري ڏس دل ۾ ديدارا

(راڳ ضلع ڀڄن ٧٨) طرز - ساڳي

١- ٿونهين او ٿونهين ٿونهين امر هي ذات آهين،
مان به امر آهيان

تون ته مون ۾ ڀيد ڪوئي ڄڻون تو ڀانيان

۱- جو آنند سروپ تنهنجو، هر سوئي آهي منهن جو
ڦير نه تنهن ۾ ڪوئي ڪو جو سچ تو سڃاڻان

۲- هر جي تون مالڪ جڳ جو، ۽ ساکي آهين سڀ جو
مان ٻي مالڪ ساکي تن جو چيتن چوايان

۳- جي پورڻ تون پرماتم، تو آتم مان ٻي آهيان
آتم سو پرماتم آهي اهيئو تو ڳايان

۴- **بسنت** جي تون اڪ رس، ۽ اسنگ آهين سڀ کان
مان ٻي تن من کان ٿي نيارو سوهم سڏايان

(راڳ. سورٺ ڀڄن ۷۹)

ٽل- سچي ماتا پٽن کي پڻ سچو انسان بڻائي ٿي
ڏئي اپديش ننڍ پڻ ۾، سچو گڻوان بڻائي ٿي

۱- ڏنو اپديش فريدي کي، وهاري ماءُ ڀڳتيءَ جو
ائين هر شرن ۾ لائي، سچو سادو بڻائي ٿي

۲- ڏني پڻ گيان جي لولي، مدالسا ماءُ پٽڙن کي
ائين پٽ جو مٽائي موه، سچو گياني بڻائي ٿي

۳- ميٺاونتيءَ گوپيچند کي، ڏنو اپديش وراڳي
ائين فارڪ ڪري جڳ کان، سچو جوڳي بڻائي ٿي

۴- **بسنت** ڌن آهه سا ماتا، ودّيا پٽ کي پڙهائي جا
ڏئي ودّيا سنائن جي، سچو ڌرمي بڻائي ٿي

(راڳ سورٺ ڀڄن ۸۰) طرز- سانئڻي

ٽل- اچي مل تون سڄڻ مونسان، غمن ۾ مان گذاريان ٿي

سري ڦلي کنڊ دوشن ري، ڪٽي اکڙيون نهاريان ٿي

١- وٺي ٿو ڪوٺ ڦن ٻاٿي، سمجھ سينگار سڀ وڙو
دو ٻر دل ديواني آه، اندر اذمان اٿاريان ٿي

٢- جمڙا جي آش مون لاٿي، مرڻ جا ٿا ڏين ساها
جگر منهنجو جلي وڙو، جڏي جندڙي جيارڻان ٿي

٣- ملڻ لڳ من ٿيو ماندو، ڪڏهن ملندين مٺا مونسان
ملڻ جون من رکي آشون، لتل دل ته ٺاريان ٿي

٤- ٻره جي باه ٻر ساري، جلائي جان مون آهي
بسنت سان مل اچي موهن، سدا توکي سنڀاريان ٿي

راڳ ڪنسو پڇن (٨١) طرز- اچي جن درد ٿيو

١- سهي سر ٿي سدا ڪسني، مڙد ڪامل سڏائي ٿو
ٻنا ڪسنيءَ جي ڪوٺي، وڏو درجو نه پائي ٿو

٢- ڪٽائي سيس ليکڻ ٿي، وهي انسان جي ڪن ٻ
ڪنير جي ڪس دلو ڪائي، مٿي لي سو سهائي ٿو
ٻنا ڪسنيءَ جي ميندي چڙهائي رنگ نا ڳوڙهو
سهي ڪسني اول سر مون، سندر اکيون ٻڌائي ٿو
ڪٽائي ڦاڙ ڪري ڪنگهي،

ڪري سهٽو لـ ڪيسن ڪي
سهي دک چهر درزيءَ جا، بدن ڪپڙو ڏيکاري ٿو
بسنت ڪسني سهي جوٺي، سهي گرديو جي اڳيان
ٽري سنسار ساگر سو، ٻين کي ٻي ترائي ٿو

(راڳ ڪنسو ڀڄن ٨٢) طرز- ساڳي

ٽل- وهاري من مندر ۾ تون سندر تصوير سنتگر جي
ڌيائج پريم شرڌا سان سندر تصوير سنتگر جي

١- ڪروڙين سورج چنڊ تارا، ڪرن روشن ڪٺا گڏ جي
انهن کان ٻي اڌڪ روشن، سندر تصوير سنتگر جي

٢- دکن ۾ ڌيان جنهن جو ٿو ڏئي، آنند سدا دل کي
اٿي اهڙي ڪلا واري، سندر تصوير سنتگر جي

٣- مٺن ۾ جان ڦوڪي ٿي، سڀن کي ٿي ڪري ساڌو
ڀڳتن کي راهه ڏيکاري، سندر تصوير سنتگر جي

٤- **بسنت** سنسار ساگر کان، ترن ٿا پار پريمي سي
ڌيائن جي سچي سک سان، سندر تصوير سنتگر جي

(راڳ حسيني ڀڄن ٨٣)

ٽل- منڙا سچ سان ڪر تون پيار-
ڪوڙ ڪپٽ کي ڪڍ تون ڪوري سچ سان ڪر وهنوار

١- ڪوڙ نه قائم ڪڏهن رهي ٿو- سچ کي آهه قرار
سو ن جڳان سچ جت ڪٿ سرهو-
ڪوڙ جي منهن ۾ ڇار

٢- سچ سان شانتي ملي منش کي- جڳت چوي سچيار
ڪوڙ ڪپٽ مان ڪجهه نه وٺيندين-
اُلٽو ٿيندين خوار

٣- سچ سان استت آهي ڌرتي- سچ سڀ جو آڌار
سچ برابر ڌرم نه ڪوئي- سچ آ ست ڪرتار

٤- بسنت سچ کي رکہ تون هردي -
سچ جو کر سينگار
سڀ ۾ سچ ڏس سچ ٻولہ تون - سچ جو کر تہ اهار

(راڳ حسيني ڀڄن ٨٤)

ٽل- منڙا پريت پريوءَ سان پاءِ -
جوتي پريت جڳت جي جاڳي نيهن نہ ڪنهن سان لاءِ
١- جن جي لئہ تو ڪوڙ ڪمائين - تيندءِ سي نہ سهاءِ
مٽي پيچاٽا ڪٽي مسڻ ۾ - ٻاري ڏيندءِ باھ
٢- ڪايا مايا بادل ڇايا - ڪنهن سان نيهہ نانهہ
ناري ڪاري نانگڻ سمجهي - تنهن سان من نہ ملاءِ
٣- ڏن جوڀن جي هٿ ۾ ڀرجي - پاپ نہ ڪرم ڪماءِ
ست سنگ سيوا سمرن ڪر تون -
سڀ کي سک پهچاءِ
٤- بسنت جي تون مڪتي چاهين - گن گوبند جا ڳاءِ
موه مٽائي گيان برهم جو - هردي مانهہ هنڊاءِ

(راڳ حسيني ڀڄن ٨٥) طرز- ڇڏي غفلت ڳولهہ گهر

ٽل- ديهہ جو اهنڪار ڇڏ تون - ديهہ دک جو دوار آهہ
مانس لوهوءَ ۽ هڏن جو - هي پرال پندار آهہ
١- مول جنهنجو رکت ويرڄ - سا سندر ڪيئن ديهہ ٿي
پوش سندر کي ڏسي ڀليو سڄو سنسار آهہ
٢- تو سنواريں ديهہ کي تون -
سيند سرمان سڀ ڪري

پاڻ کي جنهن ٿي پڌائين - سا مٽي مردار آهه
٣- بي مرم ٿي هر ڌرم کان - پيار جنهن سان تو ڪيو
سا نه هلندي ساڻ توسان - ڪال جو نه اهار آهه
٤- ڀڄن ڪر ڀڳوان جو تون - ڏيهه ۾ ڏس ڏيو ڪي
بسنت چيتن اسنگ اڪ رس - ڏيهه جو آڌار آهه

(راڳ ڪلياڻ ڀڄن ٨٦)

ٽل- تيو جيون سڦل تنهنجو، گرن کان گيان جنهن پاتو
سڃاتو برهم آتم کي، ڇڏي سنسار جو ناتو
١- ڪيو تنهن پاڪ پرٿويءَ کي،
هلي نت هنس جي چالي
ڇڏي آشا جهين جو من، سچي رنگ رام جي راتو
٢- وهي گنگا وهي جمنا، سدا تنهن جي ٿي چرنن ۾
هردي اندر نجاتم سان، سچو آ نينهن جنهن لاتو
٣- ڪيو تنهن پار پترن کي، تيو سو پوڄ ڏيون جو
جڙي جڳديش سان جيڪري،
ڪٽيو جنهن ڪرم جو ڪاٺو
٤- ڪيا تنهن دان ڀڳيه سڀئي،
رهيو ڪرٺو نه ٻيو تنهن کي
جهين جو من مڃيءَ وانگي، **بسنت** آنند سنگ ماتو

(راڳ ڪلياڻ ڀڄن ٨٧)

ٽل- پڙهايو پريم سان سنگر اڪيو مونکي الک وارو
جنهين تجي پڙهڻ سان منهنجو،

ڇگت ڪسان خيال ٿي نيارو

١- چڙهي ويراڳ جي مستي، وساريان ورھ جي وستي
هٽائي هٺ جي هستي ڪيان سر جو سعر سارو

٢- سڃاڻان پاڻ مان پنهنجو، ٿيان موتاج نا ڪنهنجو
ٿئي جيون سڦل منهنجو، مٽي دک ڪال جو پارو

٣- ڇڳي جوٽي ووڪ واري، مٽي اوديا اوندھ ڪاري
پوي ست برهم جي ساري، ڏسان سڀ ۾ پريو پيارو

٤- **بسنت** من مان پڇي پرانتي، ملي سمتا سمت شانتي
رهي من مانھ ايڪانتي، ڪلي انيڪ سندو دوارو

(راڳ ڪلياڻ ڀڄن ٨٨)

ٽل- نه تون آهين نه مان آهيان، ٽڪي جڳ جو پسارو آھ
اٿئي پرماتما پورن، ڏنو سنڪرو لشارو آھ

١- جنهن مان جو ٻڌي تو سو، انهيءَ جو روپ ٿي آهي
برهم مان هيءُ ڇگت ٻڌيو، برهم جو روپ سارو آھ

٢- مٽيءَ مان جي ٻڻيا برتن، مٽيءَ جو روپ آهن سي
مٽي تن جي اندر ٻاهر، مٽيءَ جو سڀ نظارو آهي

٣- ٻڻيا جي سون مان ڳهڻا، سمورا سون سي آهن
بناوت جو نه ملھ آهي، سيني ڪي سون پيارو آھ

٤- **بسنت** جو ڇگت ڏسين تو سو،
برهم جو روپ پيو آهي
سڀن ڪي ڇڏ ٻڌايو تو، سڀن تو ڪان نه نيارو آھ

راڳ پهاڙي ڀڄن ٨٩) طرز - ڏسي ڀؤ دنيا جو

ٽل - منش ديهه درلڀ - ڀڄن سان ڀائي
هريءَ جا ڏني آهه - ڪري تو ڀلائي
١- چوراسي لکن ۾ - اُتم ديهه مانش
ڪري پاپ پائي - وڃاءِ نه اجائي
٢- سکن ديوتائون - منش ديهه خاطر
ڪري وٽ تهين ۾ - سچي ڪا ڪمائي
٣- مائي خاص ديهي هريءَ جي ملڻ لئه
مڃ تون تهين سان ڇڏي ڀيد ڀائي
٤- بسنت ديهه اهڙي وري ڪانه ملندي
برهم گيان پائي - سچڻ گر سجائي

(راڳ پهاڙي ڀڄن ٩٠   طرز - ساڳي

ٽل - سدائين سنتن ڪي - ڏٺڻ مان گهرجي
انهن جي اڳيان ڀڻ - ڇڏڻ شان گهرجي
١- آهن جي سنتوشي - سچا سنت جڳ ۾
تني مان ترڪ ڀڻ - ڪيڻ ڪانه گهرجي
٢- رکي پريم شردا - سچن تن سنتن ۾
ڏئي ڀيٽ تن من - وڃڻ نام گهرجي
٣- وڃي وقت ورناڳين - ڪري سيو سک سان
سکي جوڳ جڳتي - ڌرڻ ڌيان گهرجي
٣- بسنت چاه چنتا - ڇڏي سڀ دنيا جي
برهم آتما جو - سکڻ گيان گهرجي

(راڳ پهاڙي ڀڄن ٩١) طرز - مهنجا پران وڃن نڪل

ٽل - الو ٺاڪر صاحب سڀاڳو - ڪيئن وساريو
ڇڏي آلس جهم سڌارو - ڪيئن وساريو
١ - ماڻس چولو پرڀو پاتي - جلد جنم سان پاڻ جڳائي
واهي پرڀو سان نام اڄارو - ڪيئن وساريو
٢ - سمجهن سڀجن ائي نه وقت وڃايو -
جاڳي هر جو ٿيان لڳايو
ڪوڙي ٿري نام تهارو - ڪيئن وساريو
٣ - چوڙا پرڀو ۾ پاڻ پلايو - ڪيئن وشم بڻمن اٽڪايو
چوڏ گيان گرن جو ٽارو - ڪيئن وساريو
٤ - بسنت پاڻ سڄاڻو پنهنجو -
هيءَ پدارٿ تاهي ڪنهنجو
جني نام ٽري ڪل تاريو - ڪيئن وساريو

(راڳ پهاڙي ڀڄن ٩٢) طرز - ساڳي

ٽل - ماي پاڻ ۾ پرڀو وتايو - دلڙيون ملايو
سڀ ويڙ وروڌ پلايو - دلڙيون ملايو
١ - پرڀو ڪرپا سان ايڪتا ٿئي ٿي -
تنهن مان طاقت پيدا ٿئي ٿي
ڪري همت دشمن کي ڀڄايو - دلڙيون ملايو
٢ - ڇڏي لالچ مان وڏائي - ملي هڪ ٿيو پيٽ ڀائي
سچو پريت جو نالو نڀاهيو ، دلڙيون ملايو
٣ - رانوڙ پاڻ سان ڪئي جدائي ،

پنهنجي هوندي لنگ لٽائي

ائين قوت سان ٽاڙ نه ڦرايو، دلڙيون ملايو

٤- بسنت ورونڊ ۾ ڪجهه پي ناهي،

سڀ سگهه سمپت پريم ۾ آهي

ڪري پريم سچو سگهه پايو، دلڙيون ملايو

(راڳ پهاڙي ڀڄن ٩٣) طرز- ساڳي

ٽل- منهنجا پران وڃن هن ٻاري، ستگر پياري

هي سوال سڻو دلدا ڏاري، ستگر پياري

١- انت اوهان جو درشن ڪرڻ،

تن من ڌن جي پيتا ڌرڻ

سڀ ممتا موهه نواري، ستگر پياري

٢- تلسي دل گنگاجل پي مان، سڻان گيتا چپن تي مان

ڪيان هٿ سان دان اپاري، ستگر پياري

٣- گد گد ٿي مان هرگن ڳايان، رام نام جي ڌني لڳايان

مران اوم شبد اچاري، ستگر پياري

٤- بسنت پيڙ اچي نه ڪائي، پيد پاونا رهي نه رائي

ملي هڪ ٿيان برهم منجهاري، ستگر پياري

(راڳ پهاڙي ڀڄن ٩٤) طرز- موهن جي مرلي جا

ٽل- منش جيون ڪي ڪير سڌاري، پريم پريم پريم

١- بنا پريم جي نشڦل ديهي،

ڪري پريم سڦل ڪر ايهي

درشن هر جو ڪير نهاري، پريم پريم پريم

٢- بنا پريم نه من ڙ ڀيندو، نڪي گيان ڀڳتي ۾ ايندو
چنچل چت کي ڪير سواري، پريم پريم پريم
٣- بنان پريم نه جيءُ ٿو جاڳي، نڪي وشيه وڪار ڀاڳي
تنل دلين کي ڪير ٿو تاري، پريم پريم پريم
٤- ڪر پريم پريوءَ سان پيارا، ڇڏ خيال دنيا جا سارا
بسنت پيو سنت ڪير ٿو تاري، پريم پريم پريم

(راڳ پهاڙي ڀڄن ٩٥) طرز- منهنجا آءُ ستاما يار

ٽل- هي موهن منا من ناز؛ ٿوکي مان ڪيئن رجهايان
١- مالا پايان يا تلڪ لڳايان، ڪيس ڪتايان جٽائون رکايان
جنهن راضي ٿئين ڪرتار، تنهن مان وس ڀٽايان
٢- پاٺ پڙهان پوڄائون ڪريان،
دينن جا مان دکڙا هريان
ڀيا پيي کيان اُپڪار، جنهن سان توکي پرچايان
٣- جوڳي ٿي مان جوڳ- ڪمايان؛
دسون دعاري ڌيان لڳايان
يا نه کٽي يڪتار، تنهنجو مان نام جپايان
٤- بسنت تي ڪيئن راضي ٿون ٿيندين،
درشن پنهنجو داس کي ڏيندين
ڏي ڏس ڪو ڏاتار، ڪهڙا مان ڪرم ڪمايان

(راڳ پهاڙي ڀڄن ٩٦) طرز- ساڳي

ٽل- پريم تي راضي آهه رام، پريم سان رام رجهايو
١- پريم ڪري ڀڳلاج پرچايو،

سک سان شرڌيءَ آ سر چاهو
نامي پاتو نام، پريم سان ڪبير ڳايو
٢- ميران پريم ۾ ٿيو مستاني، جلدي پاتو جيءَ جو جاني
سورداس کي شام، پريم سان پار پهايو
٣- ڪرمان ڳوالڻي کيچڙي ڪاري،
پريم ڪري ڏري گنڪا ناري
ڪبڙيءَ ڪيو پرڻام، ڪرشن ڪنٺ لڳايو
٤- بسنت پريو پريم جو پياسي، پريم بنا هر آهه اداسي
نرپ جو تياڳي ڌام، ساڳ ودر جو کاڌو

(راڳ پهاڙي ڀڄن ٩٧) طرز- کيچڙي چو لشو کائي

ٽل- هلو ستسنگ ۾ هروار پريمي هلو هلو
رکي من ۾ شرڌا پيار پريمي هلو هلو
١- ستسنگ ڪلپ برڇ جهڙن آهي،
من جون مرادون سڀئي پڄائي
جنهن مان پدارٿ چار، پريمي هلو هلو
٢- ستسنگ نام جو جام پياري،
ٽنل دليون تو سڀ جون ناري
ڪري ڀوساگر کان پار، پريمي هلو هلو
٣- ستسنگ ۾ گرو گيان ملي ٿو،
ڀڳتي آتم تي ڌيان ملي ٿو
کلي اينءُ جو ڏهه دوار، پريمي هلو هلو
٤- سٺو ستسنگ سڪ سان وڃي، چڙهي ٿرنا فڪر سڀئي
ڪٿو بسنت تنهن مان سار، پريمي هلو هلو

(راڳ پهاڙي ڀڄن ٩٨) طرز - ڇوڙ بابل ڪا گهر

ٽل- آئي سيڪهه سنهر ٿيو پورو سفر، ڇو ٿو دير ڪرين

١- ڇڏي آلس ڪر سڀ تياري ڪر،
تون ورئي جڳس ڪان تياري ڪر
آهه ٻولون ٻهر شري رام سمر، ڇو ٿو دير ڪرين

٢- هي ڪوڙو ڪل جو ناتو آهي،
ڇو پڇي تنهين سان ناتو آهي
منجهي موه ۾ نه مر ٿئي، ٻار ۾ ٻار، ڇو ٿو دير ڪرين

٣- هيءَ ڪايا نه مايا ڪنهنجي آهي،
ڇو مور ڪئي تو پنهنجي آهي
ڇڏي گهر ۽ گهنگهر وٺ سنگر جو در،
ڇو ٿو دير ڪرين

٤- ڪرڻ بسنت سمر جو سار هاڻي،
ڪر ڪرم اهو جو موهن ماڻي
جپ گر جو منتر پاڻ آتم امر، ڇو ٿو دير ڪرين

(راڳ جوڳ ڀڄن ٩٩) طرز - منهنجا سنگر سائين

ٽل- هيءَ سنگر سڀئي حياتي ٿل شان شرم سان گذري

١- هي ڪاڄ آهي ڪارو، ۽ من ٻئي آهي هچارو
پر سنگر سمو هي سارو، ٿل مان مرم سان گذري

٢- نڪي مايا موهه منجهائي،
نڪي ڪام ڪرود ڪنهائي
هت جو دم جٽو آهي. ٿل ڏيان ڏرم سان گذري

٣- رهي چت ۾ سمت سدائي ـ
مٺي من مان دُرمت دُٺائي
جا جيوت آهي سائي ـ ٿي دان ڪرم سان گذري
٤- جن بسنت جاتي پنهنجو ـ ڪر ستگر مور نه انهنجو
هي مرڻ مهل دم منهنجو ـ
ٿي گيان برهم سان گذري

(راڳ جوڳ پڇن ١٠٠) طرز ـ مٺان وڃي تون پار

ٿل- مٺان وڃي ٻي پار ، او موهنا ـ او موهنا
توکي قسم آهي ڪرتار جو
١- پريم رکي ٻوڙ اُت ۾ ٽوڙڻ ـ توکي واجب نانهه
پريمين کي پڻ جيءُ سان جوڙڻ توکي واجب آهه
دِيا تون دل ۾ ڌار ـ او موهنا
٢- جنهن ڪم لاءِ اوتار ورتو تم سو ڪم ڪندس مان
ماري دُشٽن کي ديوتائون سکي ته ڪندس مان
ڪين ڇڏيو برج نار ـ او موهنا
٣- تون ٻن هنڌ ڪيئن ڪنداسي دل ۾ سمجهه سڄان
مکڻ پريم ۾ رهجو سکيون ـ ڌاري منهنجو ڌيان
ڏس نه اها تون ڪار ـ او موهنا
٤- بسنت جو سڻ عرض ٻهاري ـ ڪڄ ڪا پرُواري
دُکر ڪندئين داموُدر ڏسندئين مٺل برج ناري
مارن چاهي جبار ـ او موهنا

(راڳ جوڳ پچن ١٠١)

ٽل- سيگهه اچي لهه سنگر سار- دنيا جي گردش آ ستايو
١- تون آ سمرٿ سروگيه سوامي-
هيڻن سان ٿيءِ هاڻي حامي
درد ڀري هيءَ سڻي پڪار-
ڪشٽ وگهن دک دوند هتايو
٢- اندر ڪام ڪروڌ ڪمائي- ٻاهر مايا موهه منجهائي
ديا ڪري تون هي داتار-
تن من جا سڀ مرض مٽايو
٣- ڦرنا من جا ڏاڍو ستائن- ٽاپ ڪليش ٽا روز تپائن
مهر ڪري منهنجا منتار- وچن سڻائي تپت بجهايو
٤- بسنت بابا روئي پڪاري-
نيڻ ڪٽي تو تو ڏي نهاري
گوندر غم سڀ هر غم ٽار- درشن ڏيئي پاڻ پسايو

(راڳ جوڳ پچن ١٠٢)

ٽل- شاهن جو تون آهين شاهه-
جي تون پاڻ سڃاڻين پنهنجو
١- شاهه آهين چو نفر ٿيو آنهه-
شير ٻڻي چو ٻڪر بڻيو آنهه
غفلت توکي ڪيو گمراهه- تڏهين ٿيو تون آهين اهنجو
٢- ڀرم ڪري تون ٻڻي بکاري-
در در ڀٽڪي ٿئين دکاري

ڇڏي چاهنا تيئ اڇاهه - تڏهن محتاج نه ٿئي ڪنهنجو
٣- ڏنهه مهجي لوڻ ڏئي ٻٽيو آنهه -
نقلي صورت ۾ لين ٿيو آنهه
تو ۾ آنند آهه اٿاهه - ٿوڪي خيال نه آهي ڪنهنجو
٤- **بسنت** اڃا ٻيي ويل نه وئي آ -
پار پسڻ جي مهل پئي آهي
ستگر ڪان وٺ سچ جي راهه -
پار پسي تيئ سڪيو سهنجو

(راڳ جوڳ ڀڄن ١٠٣)

ٽل- ڏيون جو ٿئي ستگر ڏيو -
جيڏري تنهن مان پائج پيارا
١- جيڏري ستگر جي ڪر شيوا -
پائج تنهن مان مڪتا ميوا
ارپڻ ڪر تن من ڌن ايو - سنگ دنيا جا ڇڏ تون سارا
٢- ستگر جي نت سنمک رهه تون -
ٽهل ڪرڻ ۾ سک دک سهه تون
ميٽي من جو نت اَهمير - پرمي پاءِ پدارٿ چارا
٣- گر مورت ۾ نرت لڳائج - ستگر شبد ۾ سرت سمائج
سمرڻ سان من وس ڪر ليوَ -
مٽيج من جا سڀ مونجهارا
٤- برهم روپ ستگر کي ڄاڻي -
بسنت پڙهه تون تنهنجي ٻاڻي
ووڪ سان پاءِ آتم پيوُ - انتر مک ٿي ڪر ڏيدار

(راڳ جوڳ ڀڄن ١٠٤)

ٽل- تو ري ۾ من ڪر گذران -
گهرج گهٽيءَ ڪان ڪر تون ڀاسو
١- گهرج گهٽيءَ ۾ دک ئي دک آهه -
گهرج گهٽائڻ ۾ سڀ سک آهه
گهرجون جت ڪي ڪن پريشان -
ڏڀن ٻٽائين ڏيئي دلاسو
٢- آشا ترشنا موهه وڌائي - پاڻ ڇڏهو تو پاڻ ڦاسائي
سمجهي سپني جئن سامان - ڪنهن ۾ ڪر نا ممتا ماسو
٣- ڀوڄن آد جي آهه ضرورت -
تنهنجي جهٽ پٽ ٿئي ٿي پورت
شونق سواد ڇڏي سنمان - ٻڌن توڙي ٿيءُ ڦلاسو
٤- مانش تن انمول مليو ٿئي - جنم جنم جو ڀاڳ کليو ٿئي
وئرٿ ڪين وڃاءِ اجان - جونو جڳ جو ڏسي تماشو
٥- ڪوڙ ڪپٽ ڪنهن لاءِ نه ڪر تون -
ڀاو ڀڳت سان هردو ڀر تون
بسنت ڀاءِ آتم گيان - واسديو ۾ ڪر تون واسو

راڳ ڀيروي ڀڄن ١٠٥) طرز- تمهين ميري مندر

ٽل- ادا ڏيهه مانش - ملڻ لئه ملي تو
ملڻ جي نه ڪيڙهه - ڀرم ۾ ڀلي تو
١- منش ديهه مٽي ٿئي - هيري جي ڪٽي ٿئي
گهري ماءُ گرن کان - سورن سان جڻي ٿئي

وڃائڻ وقت جي وس ۾ ولي تو

٢- هيرا ڏيڻ هزارن - هريءَ تو ڏنا تني

وڪارن جي وس ٿي - ڪيا سڀ ڪنا ٿني

قدر ڪونه ڪيڙءِ - هوشن ۾ ڪلي تو

٣- نڪي سچ سچائي - نڪي ڀڄيو پالڪ

نڪي دان اشنان - سان دلڙي لاتئه

نه ڪيئه ياڻ ڀڳتي - ڌرم ٻڃ دلي تو

٤- **بسنت** ڪر ڀڄن تون - ڇڏي ڪرم ڪوڙا

ملڻ جي مهل ٿئي - سمجهه من موڙها

وري ڪانه ملندءِ - منش ديهه پاڻي تو

(راڳ ٽوڙي ڀڄن ١٠٦)

ٽل- هاءِ دنيا آهه ڪوڙي بي وفا -
نيهن ناحق تو لڳائين، اي سڪا

١- ساڻ توسان ڪونه هلندو، جڳ منجهان
ڪاڻ ڪنهنجي تو ڪرين، ايڏي جفا

٢- ڪال ڪنهنجو نانهه مائٽ، سڀ ادا.
جنهن جڳ ۾ چار ڏينهڙا، ڇڏ خفا

٣- ڀوڳ آشا ڇڏ تياڳي، من منجهان
ڳالهه توکي تو چوان مان، هيءَ صفا

٤- ڀڄن ڪر ڀڳوان جو، ڌر ڌيان تون
بسنت سنتن سان ملي تون، ڪٽ نفا

(راڳ ٽوڙي ڀڄن ١٠٧)

ٽل- هي منا منتار موهن - اچ وري

شان پارس جو وڏائي - وچ وري
١- لوها ٿيو آه پارس - اڄ ڏکي
دان درشن سان ڏکڙا - هر هري
٢- شور شيطانن مچايو - زور سان
مار دشمن کي نه ڏري - ڪر ڌري
٣- لاج ڀڳتن جي ٻهاري - رکه اچي
پرڻ پورو شام ڪر تون - هن گهڙي
٤- موج سان مرلي وڄائي - اي مٺا
پيار جي ورکا اچي ڪر - ٿر سري
٥- **بسنت** گيتا گيان ڏيئي - هند کي
لاهه ڀارت تان سندي پاپن ڀري

(راڳ مارو ڀڄن ١٠٨)

ٽل- ڪونه ڇڏي تو ڪال ڪنهن کي ٻڍو هجي چا ٻال
١- راو رنڪ جوڌا بلوانا - ماري ڪال ڪرال
٢- پير امير فقير پيغمبر - پاپي ڪري پئمال
٣- لکي ڇپي جو ڪوٺن ۾ ڪو - تنهن کي ڪري بي حال
٤- جنتر منتر سادي تنتر - جپ تپ ڪري وشال
٥- **بسنت** ڪال ڪان سو بچندو جو - سمري پرش اڪال

(راڳ آسا ڀڄن ١٠٩) طرز - جيون هڪ سنگرام

ٽل- گڻ تنهنجن جو ستگر ٽيئونرام ڪيان ڇا بيان، ناهي طاقت منجهه زبان
١- اڻ ات گڻ ها تو ۾ جي تا ڳائن ويد پران،

چون ٿا رشي مني ودوان
شيش مهيش گڻيش ۽ شارد پاوين پار سجان،
الهي ابيا ڏيو ڏنھ انسان
٢- ڌرو ڀڳت جنهن ننڍپڻ کان تو ڌيان هريءَ جو ڌيان،
ڄاڻي سڀ جونو هيءُ جهان
برهمچاريه تو پورو پاليو، پاليو جنهن هنومان،
ڄيتي سڀ اندرين من ۽ پران
٣- پريم پرڪاشي پڻ هلائي پريم رکيو پرڌان،
مٽائي مذهب جو ايمان
پڇن پوڄن سڀمان ڌڻو تو سڀني کي ۽ سمان،
ڄاڻي سڀ گهٽ ۾ هڪ ڀڳوان
٤- ستنام ساڻي جاپ جپائي ميٽي تم اگيان،
ڌڻو تو آتم برهم گيان
ڀاو ڀڳت آتم شڪتيءَ سان، ڪروڙن جو ڪلياڻ
ڪيو تو ستگر تي مهروان
٥- جهنگل ۾ منگل تو ڪيڙا جهڏ ڪري جولان،
ٺاهيو تو امراپور استان
بسنت قائم دائم رهندو نانءُ تنهنجو نيشان،
جيسين سج چنڊ آهه آسمان

(راڳ آسا پڇن ١١٠) طرز- جڳ بازيگر جي بازي
ٽل- سوامي ٽيئونرام سونهارو- هيو سڀجهي سنت سچيارو
١- بچپن ۾ هري نام جپيائين- سنتن جي تي ٽهل ڪيائين
وڻراڳ واري ورتي رکيائين- تي موهه ممت کان نيارو

٢- ستگر آسورام مهائي - ويران وارون بستيون وسائي
هري گن ڳائي ڌيان لڳائي - ٿيو پريم ڪي ته پيارو
٣- سنبوادي هو برهمچاري - پرم اداري پر اپڪاري
ڀڄن پوڄن جي ڪري ڀاري - ڏنو سينڌي کي سک سارو
٤- ٽنڊي آدم ۾ واري وسائي - امراپور استان ٺهائي
ڌرم سناتن جهنڊو جهلائي - هيون انهل حق جو نعرو
٥- چيت جي ٻارهين ميلو لڳايو -
سنت ڀڳت ودوان گهرائي
سڀ ڌرم جي سکيا سٺائي - ڪيو جيون جو ته سڌارو
٦- پرلم پرڪاشي پنٿ هلائي -
ست نام ساکي منتر ڇپايو
سنڌ ۾ پنهنجو گرنٿ ٺهايو - کولي انيڪ جو ته دوارو
٧- سنڌ هند جو سفر ڪري ويو -
پرلمين ۾ پرٽ پرلم پري ويو
چت ۾ شانتي کيم پري ويو -
ڪري سک دک جو ته سهارو
٨- **بسنت** رتن سڌ ان جو داني - آتم ڌياني برهم گياني
نرماني هو نور نوراني - ويو ور وڃائي وارو

(راڳ **پهاڙي ڀڄن ااا**) طرز- اک رات ۾ دو دو چاند
ٽل- ستگر ٽيئونرام سوامي، شنڪر جو اوتار هيو
١- صورت سهڻو من جو موهڻو، موهن منو منتار هيو
جاڳندي جوت برهم جي جنهن ۾، وره وراڳ وچار هيو
٢- اندر ٻاهر سادو سچلو، ڀڳتيءَ جو ڀنڊار هيو

پرُپڪاري چت ست ڌارمي نام نشي نرواڻ هيو
٣- ڪرم ڌرم ۽ گيان ڌيان جو پرم سمندر ڀرپار هيو
سين شش شرڌالن جو نت رام جپان رکوار هيو
٤- هان لاڀ ۽ سک دک ۾ سم، سدا بسنت بهار هيو
هر مذهب هر ذاتيءَ سان پڻ پورو جنهنجو پيار هيو

(راڳ ڀهاڙي ڀڄن ١١٣) طرز- دل لوٽڻي والي

ٽل- سوامي ٽيئونرام اوتار هيو، سڀ سنتن سو سردار هيو
منو موهن من جو ٺار هيو، ۽ دل جو وڏو اُدار هيو
١- نند پڻ ڪان جوڳ پڇائي ويو،
واريءَ ٽي ورهه وسائي ويو
امراپور ڌام بڻائي ويو، جهنگل ۾ منگل مچائي ويو
جهنڊو پريم پرڪاشي جهلائي ويو،
ڪيو پريم سنڌو پرچار هيو
٢- جو در تي آيو تي سوالي،
سو ڪونه ويو ڪڏهن خالي
هٿي سڀ ڪان سخاوت پڻ آلي،
هر ڪرامت ۾ شڪتي شالي
سدا منهن ۾ چمڪي ٿي لالي،
۽ سنگت سڄيءَ جو سينگار هيو
٣- گيانن ۾ هو پورڻ گياني، ۽ ڌيانن ۾ پورڻ ڌياني
نت مان هوندي هو نرماني،
گڻ گيان يڳت جي هو کاني

جو وڏو ڪرڻ جيان هو داني،
پڻ ڀڄن ٻوڄن جو ڀنڊار هيو
م- شڪد ٻو جيان ٻڌجي ليائي،
ڪٿي ورلي جڳت ڪان وڃائي
هر چرنن ۾ هو انرائي، نت نام جپيندو هو جائي
چڻ شنڪر جي صورت سائي،
جو بسنت باغ بهار هيو

راڳم ٻهاڙي ڀڄن (١١٣) طرز- امان رهجي ڪيٿن ايندو

ل- مل ستگر ٽيٺو نرام،
تنهنجي ملڻ ڏاران نانهه اندر کي آرام
- تنهنجون ڳيٺن ڀرلون ڳالهيون، ياد ڪري ڏينهن رات
وهن نيڻن مان ناليون
- چو سڪ ۾ سڪائين ٿو، هي ستگر تون موڪان،
- چو پاڻ لڪائين ٿو، مان توکي ٿو ڳوليان
سڀ جوئي ٿي جڳ ۾ سڀ جهنگل جبل ڦوليان
- ڪڏهن ستگر تون ايندين،
بسنت کي بابا اچي درشن تون ڏيندين

اڳم ٻهاڙي ڀڄن (١١٤) طرز- دل لوٽني والي

- سوامي سروانند سک ڪاري هو-
سڀ جيون جو هتڪاري هو
جنهن جواني ۾ ئي جاڳ ڪري-
گهر گهنگر جو پڻ ليائي ڪري
ڪر چرنن ۾ انراڳ ڪري- سمرڻ ڪندو هر واري هو

٢- ڳُر ڏيو جي ڀڳوان گاڏي وساڻي -
ستسنگ جي ڏاڍي ٻُڌ مهاڻي
ست ڪرمن جي ناڻ کڻي ڪماڻي - ڀون ڀر اُپڪاري هو
٣- آڳور هر ڏوارا ناهي ويو - امرآپور استان نڪاڻي ويو
ڀلا ڀلاڪاهي ڳرڻ جماڻي ويو ۽ … اڌاري هو
٤- … ويو -
واس ڊاڏول والڪي رڃاڻي ويو
… ويو - … ۽ … هو
٥- سڀ سڪڻون سور سهاري ويو -
ڪيترا … ڪي ڪٺن اڀاري ويو
صبر شڪر سان عمر گذاري ويو -
دل اندر ڏيرج ڌاري هو
٦- ڀال ڀسمت سان ڀلائي ويو -
ٻهي سڀ سان … لائي ويو
… ڪان موڪلائي ويو - … جو … هو

(راڳ ڀيروي … ١١٥) طرز- …

ٽل- … جو … ، سنت ڪنور هو
گُڻ مانهن هيرو لعل ڪنور جوهر هو
١- ڪوڙ ڪپت پاپ جي نہ جنهن ۾ هئي رتي
گرهستہ ۾ هو اندر، جيت، سورهہ سو سٽي
ڪروڌ بنا سهن شيل، شانت سرور هو
٢- لوڀ ڇڏي مليل تن، ڌرم تي ڪيو
ڳجهي اُپڪار جو هن ڪرم تي ڪيو

هندو مسلمان لئه غريب پرور هو
٣- پريم ڪري ڌيان ڌري رام رجهائو
برهم ساڻ ايڪت ڪري سڀ کي هرشائو
راڳ ۽ ويراڳ جو منجهه پرال ڀر هو
٤- گيان وان ڌياوان هيو نماڻو
پرڻ پورو ڪندو هيو سرت سياڻو
رتن سنڌ جو ته صاحب ڪامپ ترور هو
٥- **بسنت** اهڙي سنت جي ڪيان ڪهڙي ڪهاڻي
رام نام سندي هئي وات ۾ واڻي
سڄي سنڌ هند ۾ هڪ ڪنور ڪنور هو

راڳ ڀيروي ڀڄن (١١٦) طرز - ساڳي

١- ماڻهن جي من وات آهي بات ڪنور جي
پشو پکي رات جو ڪن تات ڪنور جي
ماڻهون مرون پنهنجي پريم پيا پڪارين
ڪٿي ڪنور ڪٿي ڪنور ڪيو نهارين
ڪونه ڏسي درد سان ڪن لات ڪنور جي
صورت سهڻو من جو مهڻو، ڪنور ڪيئن ويو
دغاباز دغا ڪري، ڪيڏو قهر ڪيو
سين لاءِ رات ٽي، سڪرات ڪنور جي
دان مان ناچ راڳ، تار پيار سان
منو موهن موهي ويو، دل دلدار سان
ڪاله پلي ڪرشن جهڙي ڪرانت ڪنور جي

٣- بسنت ٻڌي اوچي هيٺان مرڻ ڪنور جو
آهه ڪري اکين رتو ڀورن جگر جو
ٻڌي سڀ ماڻس ڪڍڻ شانس ڪنور جي

(راڳ ڀيرو ڀڄن ١١٧)

ٽل- گرو گرنٿ جي ٻاڻي، آهه امرت رس جي کاڻي
١- پڙهڻ سڻڻ سان پريم وڌي ٿو،
نام جپڻ جو نيم وڌي ٿو، نرمل آهه ٻ
٢- ستگر روپ جپ صاحب آهي،
جاپ جپڻ سان آش پڄائي، سکمني سک سمائي
٣- راس ڪم رهواس ڪري ٿو،
چت ۾ آنند انند ڀري ٿو، ميٺي ٿورشٽا ٿا
٤- ڀڳتن جي ٻاڻي رس واري،
پڙهي پائن ٿا سک نر ناري، سنتن کي سيبا
٥- نائين محلي جا شبد شلوڪا،
ميٽن من جا سيئي شوڪا، پڙ ڪري ٿي
٦- بسنت سک سان پاٺ پڙهي جو،
پڙهيس پرڃهي رهت رهي جو، تنهنسان انگ سنگ سا

(راڳ آسا ڀڄن ١١٨) طرز- دنيا بدل رهي

ٽل- توکان جدا مان ناهيان - مون کان جدا اون ناهين
تون ڇو رکين جدائي - جيڙو ڀيو جلائين
١- آتم سروپ منهنجو - سوئي آهي تنهنجو
تنهن ۾ نکا ڀيائي - هڪ رس آهي سدائين

٢- ڏ ڀُڄي ڏ ڻاس ٽيندي - تنهنجي ڏ منهنجي وهندي
جنهن مان ٻئي هيءَ آهي - تنهن ۾ وڃي سمائي

٣- اسٿول سوکيم ڪارڻ - نيارو آهيان تنهي کان
ٽون پي ڏ آهين ساکي - سوهم ڇوڻ ڳائين

٤- ڪر بسنت تون هوشياري - من مان ڪڍي گيدواري
رک سمجهه تون ڏ ساري - پس پاڻ ۾ ٽون ڏ سائين.

ستگرو سوامي بسنترام مهاراج
جن جي مهما جا ڀڄن

(ڀڄن ١) طرز - جوت سي جوت جگاتي چلو

ٽل- سوامي بسنترام گياني هيو ، نرموهي نرماني هيو

١- ننڍي پڻ کان رکي نام ۾ ورتي ، ڇڏ ڀائون جڳت جو لاڙو
موهه ممتا کان ڪري ڪنارو ، ڪيو رام کي پيارو
آتم انتر ڌياني هيو .

٢- ستگرو ٽيئون رام جي سنگ ۾ ، نجه سروپ سڃاتو
ٻوگي ٻڌي ٻوگ ڪلاسي ، پورڻ پد کي پاتو
لال لهو لاڏني هيو .

٣- پرم ووڪي پرم وئراڳي ، ۽ پڻ پرم اداري ،
پرم سندي سي مورت هيڙا ، جيئن موهن مراري
گيان گڻن جي کاڻي هيو .

۴- سادي رهڻي سادي کهڻي ۽ ٻولي سادي ٻاڻي،
مهر ڪري برهمانند سان، سي ليندا هردم ساٿي،
ڏيو وڳياني گمڀير هيو.

(ڀڄن ٢) طرز- رهشمي سلوار ڪرتا جالي ڪا

ٽل- اڄ ڏينهن سڀ ورو خوشيءَ جو آيو آ.
سوامي بسنترام جو جنم منايو آ.

١- جڏهن پوهه جي ٻارس آئي، وڃي جنم آيو سکدائي،
وري گهر ۾ واڌائي، سڀ خوش ٿيا مائي ٻائي،
ٻال جنهن پلايو آ.

٢- اڄ جوڳي گهر ۾ آيو، جنهن گيان جو ديپ جڳايو،
وڃي گيان اگيان مٽايو، سڀ تاپ ڪليش مٽايو،
برهم گيان ٻڌايو آ.

٣- هڻي مورت آنند دائي، جيڪا ٽڙي پئي تهِ سدائين،
ڪري سک سان درشن تنهنجو،
ميٺي دل مان درمت دعائي،
مان نت ٻاهو آ

۴- جيڪي شردا دل ۾ ڌاري، آيا ستگر جي چر ناري،
تن جي سائين ٽپت نواري، ڇڏيا ٻيڙا پار اُڪاري
نام جنهن ڏنايو آ.

٥- پرلمين کي لک واڌايون،
سائين سڀ جون آشون پڄايون،
برهمانند گيت خوشيءَ جا ڳايون، ۽ پنهنجو ٻال پلايون
شان جنهن وڌايو آ.

(ڀڄن ۳) طرز – آئو ڀڄو تمهين د ڪائين جهاڪي

ٽل – ٽوري ۾ اتهاس سٺو هي سوامي بسنترام جو
ننڍي هوندي کان جيهو، جهاڙو ناٿو سنڌ ۾ شيام جو

۱– سنڌ ديش جي سکر ضلع ۾ ڪاهيءَ نالي گام هو
تنهن ننڍڙي هن گام ۾ ورتو جنم بسنترام هو
مڪڙو ڏسي سڀئي خوش ٿيڙا، مات پتا ۽ عام هو
نر ناري سڀ خوش ٿي ويڙا، درشن پائي سک ڌام جو

۲– ننڍپڻ کان ئي رام نام سان، سائينءَ نينهن لڳايو هو
مات پتا گر سنتن جي پڻ، شيوا ۾ من لايو هو
نياز، نوڙت، نمرتا کي ڌاري،
سڀ کي سک پهچايو هو
سڀني جي دل ۾ گهر ڪيو، جاپ جپائي نام جو.

۳– ٻارهين ورهيه جي ننڍڙي عمر ۾،
ستسنگ سان نينهن لاتو هو
ڪرم ڌرم وئراڳ وويڪ کي، جهد سان جلدي پاتو هو
من کي ماري شانتي ڌاري، رام رنگ ۾ راتو هو
شيوا منڊلي تيار ڪري، شان وڌايو عام جو.

۴– سورهين ورهيه ۾ پاڳ ڪليو تڏهن پورڻ ستگر پاتو هو
موهه ڪٽمب جو تياڳ ڪري وڃي،
ستگر سان نينهن لاتو هو
ستگر کان جنهن گيان پرائي، نج سروپ سڃاتو هو
نام نشي ۾ مست ٿي ويڙا، سمرن ڪري سک ڌام جو

٥- ننڍي آڌر ۾ وٺي ڳرن سان، جوڳي جو ڪ ڀڄايو هو
۽ ان ڌرڻ کي جيتي جڳ ۾، وڃي ڪان ٻاڳ ڀڄايو هو
ڪبڙن جي ايڪانت ۾ وائي، انيڪ ڏس ڀڄايو هو
اتر مڪ ڪري ورلي ٻهنجي، درشن ٻالو ڀڄ ڏاڙ جو

٦- ڪاشيءَ ۾ وڃي سنتن سان ڳڏ،
برهم جو گيان ٻڌايو هو
سنت ڏيش جي شهر شهر ۾، سوهم شبد جپايو هو
برهم گيان جي ست اپديش سان اوديا پردو هٽايو هو
شهر سنڌي ڏنبگار ڪري ڏنو گيان نرگڻ نام جو.

٧- سهڻ شيلتا منڙو ٻولي، سڀني کي هرشائي وڌا
پريم سندي سي مورت هيڙا،
سڀ کي پريم پياري و،
تن من ڌن واٽيءَ جي دوارا،
سڀ کي سکيہ پهچائي وڌا.
ڪنول گل جيان رهيو نيارو،
ڪاج ڪندي سڀ عام جو.

٨- ستگرو ٽيئون رام جي جڏهن جوتي برهم سمائي هئي
سوامي سروانند تڏهن اچي،
گر جي گادي وسائي هئي
ستگر جي وري جنم ڀومي ۾، سائينءَ موج مچائي هئي
رهڻيءَ ڪهڻيءَ سهڻيءَ دوار، نالو ڪيئو ٽيئون رام جو

٩- هندستان ۾ گهمندي گهمندي، شهر اجمير ۾ آيو هو